القرآن الكريم

بامحاوره ترجمو

حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رحمه الله


لفظي ترجمو

حضرت مولانا عبدالكريم قريشي رحمه الله

پير شريف



Maktaba Tul Ishaat



تمام فنون کے کتب ہمارے ویب سائٹ اور پلے سٹور سے فری ڈاون لوڈ کریں۔ ہم روزانہ کی بنیاد پر اس میں مزید نئے کتب شامل کر رہے ہیں نئے شامل شدہ کتب لیے روزانہ ہمارے پلے سٹور اور ویب سائٹ کو باقاعدگی سے چیک کیا کریں۔

اپنی کتاب کو ہمارے ویب سائٹ پر شائع کرنے کے لیے رابطہ کریں

تفاسیر	خطبات	منطق
احایث	سیرت	معانی
فقہ	تاریخ	تصوف
سوانح حیات	صرف	تقابل ادیان
درس نظامی	نحو	تجوید
لغت	فلسفہ	نعت
فتاوی	حکمت	تراجم
اصلاحی	بلاغت	تبلیغ ودعوت
آڈیو دروس	مناظرے	تمام فنون

maktaba.tul.ishaatofficial@gmail.com

اِلَيْهِ يُرَدُّ عِلْمُ السَّاعَةِ ؕ وَمَا تَخْرُجُ مِنْ ثَمَرٰتٍ مِّنْ اَكْمَامِهَا وَ
انهيءَ ڏانهن موٽائجي ٿي خبر قيامت جي، ۽ نہ ٽانگرن ميوا پنهنجن مکڙين مان ۽
قيامت (اچڻ) جي خبر الله (ئي) جي حوالي آهي ۽ سندس علم کان سواءِ نہ ڪي ميوا پنهنجن ڳپن (مکڙين) مان نڪرندا آهن ۽

مَا تَحْمِلُ مِنْ اُنْثٰى وَلَا تَضَعُ اِلَّا بِعِلْمِهٖ ؕ وَيَوْمَ يُنَادِيْهِمْ اَيْنَ شُرَكَآءِيْ ۙ
نہ ٿي ڍڪي ٿئي ڪا مادي ۽ نہ ٿي ڄڻي مگر انهيءَ جي علم سان ۽ جنهن ڏينهن سڏيندو انهن کي تہ ڪٿي آهن شريڪ منهنجا،
نہ ڪا مادي ڍڪي ٿيندي آهي ۽ نڪي ڄڻيندي آهي. ۽ ان ڏينهن (الله) کين سڏيندو تہ منهنجا شريڪ (جي اوهين مقرر ڪندا هيو سي) ڪٿي آهن؟

قَالُوْٓا اٰذَنّٰكَ ۙ مَا مِنَّا مِنْ شَهِيْدٍ ۴۷ ۚ وَضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَدْعُوْنَ
چوندا ٻڌايون ٿا توکي تہ ناهي اسان مان ڪوئي اقراري، ۽ وسري ويندا انهن کان اهي جنکي پڪاريندا هئا
چوندا تہ توکي خبر ڏني سون تہ اسان مان ڪوبہ (انهن جي) ثابت ڪرڻ وارو ڪونهي. ۽ جن کي (هن کان) اڳ (دنيا ۾) پوڄيندا هئا سي ڪائڻ

مِنْ قَبْلُ وَظَنُّوْا مَا لَهُمْ مِّنْ مَّحِيْصٍ ۴۸ لَا يَسْئَمُ الْاِنْسَانُ مِنْ دُعَآءِ
اڳ ۾ ۽ سمجهندا تہ ناهي سندن ڪا ڀڄڻ جي واهہ. نہ ٿو ٿڪي ٿئي ماڻهو گهرڻ
پلجي ويندا ۽ پائيندا تہ کين ڪو ڇوٽڪارو ڪونهي. انسان ڀلائيءَ جي سڌڻ (دعا گهرڻ) کان نہ ٿڪبو آهي ۽

الْخَيْرِ ؗ وَاِنْ مَّسَّهُ الشَّرُّ فَيَئُوْسٌ قَنُوْطٌ ۴۹ وَلَئِنْ اَذَقْنٰهُ رَحْمَةً مِّنَّا
خير جي کان ۽ جيڪڏهن پهچي انکي تڪليف تہ ٿئي ٿو آسرو لاهيندڙ نااميد. ۽ جيڪڏهن چکايون ان کي رحمت پنهنجي
جيڪڏهن کيس (ڪا) مدائي پهچندي آهي تہ پوءِ نااميد ٿي آسرو ڇنندو آهي. ۽ جيڪڏهن کيس تڪليف پهچڻ کان پوءِ

مِنْۢ بَعْدِ ضَرَّآءَ مَسَّتْهُ لَيَقُوْلَنَّ هٰذَا لِيْ ۙ وَمَآ اَظُنُّ السَّاعَةَ قَآئِمَةً ۙ
تنگي کان بعد جا کيس پهتي تہ ضرور چوندو هي منهنجو ڪارنامو آهي ۽ نہ ٿو ڀانيان تہ قيامت قائم ٿيندي
پاڻ وٽان ڪا ٻاجهہ چکائيندا آهيون تہ ضرور چوندو آهي تہ هيءَ مون (ئي) لاءِ آهي ۽ نہ ٿو ڀانيان تہ قيامت قائم ٿيڻي آهي

وَّلَئِنْ رُّجِعْتُ اِلٰى رَبِّيْٓ اِنَّ لِيْ عِنْدَهٗ لَلْحُسْنٰى ۚ فَلَنُنَبِّئَنَّ الَّذِيْنَ
۽ جيڪڏهن موٽايو ويس پنهنجي رب ڏانهن تہ ۾ مون لاءِ هوندي ان وٽ ڀلائي، پوءِ ضرور خبر ڏينداسون
۽ جيڪڏهن (آءٌ) پنهنجي پالڻهار ڏانهن (ڪڏهن) موٽائبس تہ بيشڪ مون لاءِ وٽس (بہ) ضرور چڱي حالت هوندي، پوءِ ڪافرن جيڪي ڪيو آهي،

كَفَرُوْا بِمَا عَمِلُوْا ؗ وَلَنُذِيْقَنَّهُمْ مِّنْ عَذَابٍ غَلِيْظٍ ۵۰ وَاِذَآ اَنْعَمْنَا
ڪافرن کي سندن ڪئي جي ۽ ضرور چکائينداسون انهن کي عذاب ڏاڍو. ۽ جڏهن نعمت ڪندا آهيون
تنهن بابت کين ضرور خبردار ڪنداسون ۽ کين سخت عذاب ضرور چکائينداسون. ۽ جڏهن انسان تي نعمت ڪندا آهيون،

عَلَى الْاِنْسَانِ اَعْرَضَ وَنَاٰ بِجَانِبِهٖ ۚ وَاِذَا مَسَّهُ الشَّرُّ فَذُوْ دُعَآءٍ
انسان تي منهن ڦيريندو آهي ۽ موڙيندو آهي پاسو پنهنجو ۽ جڏهن پهچي انکي تڪليف تہ اهو دعا
تڏهن منهن ڦيرائيندو آهي ۽ پنهنجو پاسو موڙيندو آهي ۽ جڏهن کيس (ڪا) تڪليف پهچندي آهي، تڏهن وڏيون ڊگهيون دعائون

عَرِيۡضٍ ﴿٥١﴾ قُلۡ اَرَءَيۡتُمۡ اِنۡ كَانَ مِنۡ عِنۡدِ اللّٰهِ ثُمَّ كَفَرۡتُمۡ بِهٖ مَنۡ

وڏي وارو آهي. چؤ (اي نبي) ٻڌايو ته جيڪڏهن اهو (قرآن) الله جي طرفان هجي پوءِ توهان انڪار ڪريو ان جو ته ڪير

گهرندو آهي. (اي پيغمبرا ڪين) چئو ته. اوهين ڏسو ته جيڪڏهن (قرآن) الله وٽان هجي وري سندس انڪار ڪريو ته جيڪو

اَضَلُّ مِمَّنۡ هُوَ فِىۡ شِقَاقٍۭ بَعِيۡدٍ ﴿٥٢﴾ سَنُرِيۡهِمۡ اٰيٰتِنَا فِى الۡاٰفَاقِ وَ

وڌيڪ گمراه آهي انهيءَ کان جو هجي ڦوٽ پرانهين ۾. اجهو ڏيکاريندا سون انهن کي نشانيون پنهنجون جهان ۾ ۽

وڏي ضد ۾ پيل هجي تنهن کان وڌيڪ گمراه ڪير آهي؟ پنهنجيون نشانيون ملڪن ۾ ۽ سندن وجودن ۾ ڪين سگهوئي

فِىۡۤ اَنۡفُسِهِمۡ حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَهُمۡ اَنَّهُ الۡحَقُّ ؕ اَوَلَمۡ يَكۡفِ بِرَبِّكَ

ڪين پاڻ ۾ آخر ظاهر ٿيندو انهن لاءِ ته بيشڪ اهو حق آهي. ڇا نه آهي ڪافي تنهنجو رب

ڏيکاريندا سون. تان جو ڪين پڌرو ٿيندو ته بيشڪ اهو (قرآن) سچو آهي. تنهنجو پالڻهار ڪافي نه آهي ڇا.

اَنَّهٗ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ شَهِيۡدٌ ﴿٥٣﴾ اَلَاۤ اِنَّهُمۡ فِىۡ مِرۡيَةٍ مِّنۡ لِّقَآءِ

ته اهو هر شيءِ تي حاضر آهي. خبردار اهي شڪ ۾ آهن پنهنجي رب جي

جيڪو سڀڪنهن شيءِ تي حاضر آهي؟ خبردار! بيشڪ اهي پنهنجي پالڻهار جي ملڻ کان شڪ ۾ (پيل) آهن.

رَبِّهِمۡ ؕ اَلَاۤ اِنَّهٗ بِكُلِّ شَىۡءٍ مُّحِيۡطٌ ﴿٥٤﴾ ع

ملاقات کان. خبردار اهو هر شيءِ تي گهيرو ڪندڙ آهي.

خبردار! بيشڪ اهو هر ڪنهن شيءِ کي وڪوڙيندڙ آهي.

سُوۡرَةُ الشُّوۡرٰى مَكِّيَّةٌ | بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ | اٰيَاتُهَا ٥٣ رُكُوۡعَاتُهَا ٥

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

حٰمٓ ﴿١﴾ عٓسٓقٓ ﴿٢﴾ كَذٰلِكَ يُوۡحِىۡۤ اِلَيۡكَ وَاِلَى الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِكَ ۙ

حٰمٓ. عٓسٓقٓ. اهڙي طرح وحي موڪلي ٿو توڏانهن ۽ انهن ڏانهن جيڪي توکان اڳ هئا

حم. عسق. غالب حڪمت وارو الله اهڙيءَ طرح توڏانهن وحي موڪلي ٿو ۽ انهن ڏانهن (بہ)

اللّٰهُ الۡعَزِيۡزُ الۡحَكِيۡمُ ﴿٣﴾ لَهٗ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الۡاَرۡضِ ؕ وَهُوَ

الله زبردست پڪي ڪم وارو. انهيءَ جو آهي جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي. ۽ اهو ئي

(موڪليندو رهيو). جيڪي توکان اڳ هئا. جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي (سڀ) سندس آهي ۽ اهو

الۡعَلِىُّ الۡعَظِيۡمُ ﴿٤﴾ تَكَادُ السَّمٰوٰتُ يَتَفَطَّرۡنَ مِنۡ فَوۡقِهِنَّ وَالۡمَلٰٓئِكَةُ

مٿانهون سڀ کان وڏو آهي. اجهو ڦاٽندا آسمان. مٿئين پاسي کان ۽ ملائڪ

(سڀ کان) مٿاهون (۽) وڏو آهي. (الله جي دهشت کان) آسمان پنهنجي مٿان کان ڦاٽڻ تي آهن ۽ ملائڪ

يُسَبِّحُوۡنَ بِحَمۡدِ رَبِّهِمۡ وَيَسۡتَغۡفِرُوۡنَ لِمَنۡ فِى الۡاَرۡضِ ؕ اَلَاۤ اِنَّ
سبحان پڙهن ٿا پنهنجي رب جي تعريف سان ۽ گناهه بخشائين ٿا انهن جا جيڪي زمين ۾ آهن. خبردار بيشڪ
پنهنجي پالڻهار جي ساراهه سان گڏ پاڪائي واکاڻيندا آهن ۽ جيڪي زمين ۾ آهن، تن لاءِ بخشش گهرندا آهن.

اللّٰهَ هُوَ الۡغَفُوۡرُ الرَّحِيۡمُ ﴿٥﴾ وَالَّذِيۡنَ اتَّخَذُوۡا مِنۡ دُوۡنِهٖۤ اَوۡلِيَآءَ اللّٰهُ
الله ئي بخشڻهار مهربان آهي. ۽ جن ان کان سواءِ ورتا پيا ساٿي الله
خبردار! بيشڪ الله ئي بخشڻهار مهربان آهي، ۽ جن ان کان سواءِ پيا دوست ورتا آهن، تن تي الله

حَفِيۡظٌ عَلَيۡهِمۡ ۖ وَمَاۤ اَنۡتَ عَلَيۡهِمۡ بِوَكِيۡلٍ ﴿٦﴾ وَكَذٰلِكَ اَوۡحَيۡنَاۤ
ياد رکندڙ آهي انهن کي ۽ نه آهين تون انهن تي ذميوار. ۽ اهڙي طرح نازل ڪيوسون
نگاهه رکندڙ آهي ۽ تون مٿن ڪو ذميوار نه آهين. ۽ اهڙيءَ طرح توڏانهن عربيءَ (ٻوليءَ) ۾

اِلَيۡكَ قُرۡاٰنًا عَرَبِيًّا لِّتُنۡذِرَ اُمَّ الۡقُرٰى وَمَنۡ حَوۡلَهَا وَتُنۡذِرَ يَوۡمَ
توتي قرآن عربي ۾ جيئن ڊيڄارين تون مڪي کي ۽ جيڪي چوڌاري آهن ان کي ۽ ڊيڄارين گڏ ٿيڻ واري
قرآن وحي ڪيوسون ته مڪي وارن ۽ سندس آس پاس وارن کي ڊيڄارين ۽ قيامت جو ڏينهن

الۡجَمۡعِ لَا رَيۡبَ فِيۡهِ ؕ فَرِيۡقٌ فِى الۡجَنَّةِ وَفَرِيۡقٌ فِى السَّعِيۡرِ ﴿٧﴾ وَلَوۡ
ڏينهن کان ناهي ڪو شڪ ان ۾. هڪ ٽولو بهشت ۾ هوندو ۽ هڪ ٽولو دوزخ ۾. ۽ جيڪڏهن
جنهن ۾ ڪو شڪ نه آهي، تنهن کان (پڻ) ڊيڄارين. هڪ ٽولي بهشت ۾ ۽ ٻي ٽولي دوزخ ۾ هوندي. ۽ جيڪڏهن

شَآءَ اللّٰهُ لَجَعَلَهُمۡ اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّلٰكِنۡ يُّدۡخِلُ مَنۡ يَّشَآءُ فِىۡ
گهري ها الله ته ڪري ها انهن کي جماعت هڪڙي، پر اهو داخل ڪري ٿو جنهن کي چاهي پنهنجي
الله گهري ها ته انهن سڀني کي هڪ ٽولي ڪري ها، پر جنهن کي گهري تنهن کي پنهنجيءَ ٻاجهه ۾ داخل

رَحۡمَتِهٖ ؕ وَالظّٰلِمُوۡنَ مَا لَهُمۡ مِّنۡ وَّلِىٍّ وَّلَا نَصِيۡرٍ ﴿٨﴾ اَمِ اتَّخَذُوۡا
رحمت ۾. ۽ ظالم ناهي انهن لاءِ ڪو دوست ۽ نڪي مددگار. ڇا بڻايا اٿن
ڪندو آهي ۽ ظالمن جو نڪي ڪو دوست ۽ نڪي ڪو مددگار آهي. الله کان سواءِ پيا

مِنۡ دُوۡنِهٖۤ اَوۡلِيَآءَ ۚ فَاللّٰهُ هُوَ الۡوَلِىُّ وَهُوَ يُحۡىِ الۡمَوۡتٰى ۫ وَهُوَ عَلٰى
الله کان سواءِ پيا دوست. پوءِ الله ئي دوست آهي ۽ اهو جياري ٿو مئلن کي ۽ اهو هر
ڪارساز ڪري جو ورتا اٿن؟ پوءِ الله ئي ڪارساز آهي ۽ اهوئي مئن کي جياريندو آهي ۽ اهو سڀ ڪنهن

ع ٢
كُلِّ شَىۡءٍ قَدِيۡرٌ ﴿٩﴾ وَمَا اخۡتَلَفۡتُمۡ فِيۡهِ مِنۡ شَىۡءٍ فَحُكۡمُهٗۤ اِلَى
شيءِ تي قادر آهي. ۽ اهو جنهن ۾ توهان اختلاف ڪيو آهي ڪجهه به پوءِ فيصلو ان جو
شيءِ تي وسارو آهي. ۽ جنهن (ڳالهه) بابت تڪرار ڪيو اٿو سو ڪجهه به هجي ته انهيءَ جو نبيرو الله ڏانهن (حوالي ڪيل) آهي.

اللّٰهِ ؕ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبِّىۡ عَلَيۡهِ تَوَكَّلۡتُ ۖۚ وَاِلَيۡهِ اُنِيۡبُ ﴿١٠﴾ فَاطِرُ

الله تي آهي. اهو الله منهنجو پالڻهار انهيءَ تي پروسو اٿم ۽ انهيءَ ڏانهن ئي موٽندس. پيدا ڪندڙ آهي

منهنجو پالڻهار اهو الله آهي، مٿس ڀروسو ڪيم ۽ ڏانهس موٽان ٿو. آسمان ۽ زمين جو

السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ ؕ جَعَلَ لَكُمۡ مِّنۡ اَنۡفُسِكُمۡ اَزۡوَاجًا وَّمِنَ

آسمانن ۽ زمين جو، پيدا ڪيائين توهان لاءِ توهان مان جوڙا ۽

بڻائيندڙ آهي. اوهان جي جنس منجهان اوهان لاءِ زالون پيدا ڪيائين ۽ ڍورن (جي جنس) مان

الۡاَنۡعَامِ اَزۡوَاجًا ۚ يَذۡرَؤُكُمۡ فِيۡهِ ؕ لَيۡسَ كَمِثۡلِهٖ شَىۡءٌ ۚ وَهُوَ

جانورن مان جوڙا جوڙا، پکيڙيائين توهان کي ان ۾، نه آهي ان جي برابر ڪا شيءِ، ۽ اهو

ڪيترائي قسم (بڻايائين). انهيءَ طرح سان اوهان کي پکيڙي ٿو. ان جهڙي ڪا (به) شيءِ نه آهي ۽ اهو

السَّمِيۡعُ الۡبَصِيۡرُ ﴿١١﴾ لَهٗ مَقَالِيۡدُ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ ۚ يَبۡسُطُ

ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي. انهيءَ وٽ ئي آهن ڪنجيون آسمانن ۽ زمين جون، ڪشادو ڪري ٿو

ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي. آسمانن ۽ زمين جون ڪنجيون وٽس ئي آهن. جنهن لاءِ گهري (تنهن لاءِ) روزي ڪشادي

الرِّزۡقَ لِمَنۡ يَّشَآءُ وَيَقۡدِرُ ؕ اِنَّهٗ بِكُلِّ شَىۡءٍ عَلِيۡمٌ ﴿١٢﴾ شَرَعَ لَكُمۡ

رزق جنهن جو چاهي ۽ تنگ ڪري ٿو. بيشڪ اهو هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. مقرر ڪيائين توهان لاءِ

ڪندو آهي ۽ (جنهن لاءِ گهري تنهن لاءِ) تنگ ڪندو آهي، بيشڪ اُهو هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. اوهان لاءِ اُهو دين مقرر ڪيائين

مِّنَ الدِّيۡنِ مَا وَصّٰى بِهٖ نُوۡحًا وَّالَّذِىۡۤ اَوۡحَيۡنَاۤ اِلَيۡكَ وَمَا

اهو دين جنهن جو حڪم ڪيائين نوح کي ۽ اهو جيڪو وحي موڪليوسون تو ڏانهن ۽ اهو

جنهن (جي قائم ڪرڻ) جو نوح کي حڪم ڪيو هئائين ۽ جيڪو تو ڏانهن (به) وحي ڪيوسين ۽ اهو

وَصَّيۡنَا بِهٖۤ اِبۡرٰهِيۡمَ وَمُوۡسٰى وَعِيۡسٰۤى اَنۡ اَقِيۡمُوا الدِّيۡنَ وَ

جنهن جو حڪم ڪيوسون ابراهيم ۽ موسىٰ ۽ عيسىٰ کي ته قائم رکو دين کي ۽

جنهن (جي قائم ڪرڻ) جو ابراهيم ۽ موسىٰ ۽ عيسىٰ کي حڪم ڪيوسون ته دين کي قائم ڪريو ۽ منجهس

لَا تَتَفَرَّقُوۡا فِيۡهِ ؕ كَبُرَ عَلَى الۡمُشۡرِكِيۡنَ مَا تَدۡعُوۡهُمۡ اِلَيۡهِ ؕ اَللّٰهُ يَجۡتَبِىۡۤ

نه ڌار ڌار ٿيو ان ۾، ڳرو ٿيو مشرڪن تي اهو جو تون سڏين ٿو ڪين انهيءَ طرف. الله چونڊي ٿو

ڌارو ڌار نه ٿيو. مشرڪن کي اها (ڳالهه) ڏکي لڳي، جنهن ڏانهن کين سڏيندو آهين. الله جنهن کي گهري (تنهن کي)

اِلَيۡهِ مَنۡ يَّشَآءُ وَيَهۡدِىۡۤ اِلَيۡهِ مَنۡ يُّنِيۡبُ ﴿١٣﴾ وَمَا تَفَرَّقُوۡۤا اِلَّا

پنهنجي طرف جنهن کي گهري ۽ رستو ڏيکاري ٿو پاڻ ڏانهن ان کي جيڪو موٽي ٿو. ۽ نه جدا ٿيا مگر

پاڻ ڏانهن چونڊيندو آهي ۽ جيڪو (ڏانهنس) ورندو آهي، تنهن کي پاڻ ڏانهن هدايت ڪندو آهي. ۽ جو ساڻ پاڻ ۾ هون.

مِنۢ بَعۡدِ مَا جَآءَهُمُ الۡعِلۡمُ بَغۡيًا بَيۡنَهُمۡ ؕ وَلَوۡلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتۡ

ان کان پوءِ جڏهن آئي انهن وٽ ڄاڻ ضد ڪندي پاڻ ۾. ۽ جيڪڏهن نه هجي ها ڳالهه ڄاڃي ٿي آهي

تنهن جي ڪري پاڻ وٽ علم پهچڻ کان پوءِ ڌاروڌار ٿيا ۽ جيڪڏهن تنهنجي پالڻهار کان مقرر مدت تائين

مِنۡ رَّبِّكَ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى لَّقُضِىَ بَيۡنَهُمۡ ؕ وَاِنَّ الَّذِيۡنَ اُوۡرِثُوا

تنهنجي رب جي طرفان وقت مقرر تائين ته هوند فيصلو ٿي وڃي ها انهن جي وچ ۾. ۽ اهي جنکي وارث ڪيو ويو

(مهلت ڏيڻ جو) حڪم اڳي (جاري ٿيل) نه هجي ها ته ضرور سندن وچ ۾ (هاڻي ئي) فيصلو ڪجي ها ۽ بيشڪ جن کي

الۡكِتٰبَ مِنۢ بَعۡدِهِمۡ لَفِىۡ شَكٍّ مِّنۡهُ مُرِيۡبٍ ﴿١٤﴾ فَلِذٰلِكَ فَادۡعُ ۚ

ڪتاب جو نبين کان پوءِ البت ان کان شڪ پريشان ڪندڙ ۾ آهن. پوءِ انهيءَ ڪري تون دعوت ڏج

انهن (پيغمبرن) کان پوءِ ڪتاب ڏنو ويو سي دين کان وڏي شڪ ۾ (پيل) آهن. پوءِ (تون) انهيءَ (دين) ڏانهن سڏ!

وَاسۡتَقِمۡ كَمَآ اُمِرۡتَ ۚ وَلَا تَتَّبِعۡ اَهۡوَآءَهُمۡ ۚ وَقُلۡ اٰمَنۡتُ بِمَآ اَنۡزَلَ

۽ پڪو بيهه جيئن توکي حڪم ٿيل آهي، ۽ نه هل انهن جي سڌن پٺيان، ۽ چؤ مان ايمان آندو ان تي جيڪي لاٿو

۽ جيئن توکي حڪم ڪيو ويو آهي (تيئن) پڪو ٿي بيهه ۽ سندين سڌن جي تابعداري نه ڪر ۽ چئو ته جيڪو به ڪتاب الله لاٿو تنهن کي مڃير

اللّٰهُ مِنۡ كِتٰبٍ ۚ وَاُمِرۡتُ لِاَعۡدِلَ بَيۡنَكُمۡ ؕ اَللّٰهُ رَبُّنَا وَرَبُّكُمۡ ؕ لَنَآ

الله ڪتاب، ۽ مونکي حڪم ٿيل آهي ته انصاف ڪريان توهان ۾. الله اسانجو ۽ توهانجو پالڻهار آهي، اسان لاءِ

۽ مون کي حڪم ٿيل آهي ته اوهان جي وچ ۾ انصاف ڪريان. الله اسان جو پالڻهار ۽ اوهان جو پالڻهار آهي. اسان لاءِ

اَعۡمَالُنَا وَلَكُمۡ اَعۡمَالُكُمۡ ؕ لَا حُجَّةَ بَيۡنَنَا وَبَيۡنَكُمۡ ؕ اَللّٰهُ يَجۡمَعُ بَيۡنَنَا ۚ

اسانجا عمل ۽ توهان لاءِ توهان جا عمل آهن، ناهي ڪو به جهڳڙو اسان ۾ ۽ توهان ۾، الله گڏ ڪندو اسان سڀني کي،

اسان جا عمل ۽ اوهان لاءِ اوهان جا عمل آهن، اسان جي ۽ اوهان جي وچ ۾ ڪو تڪرار ڪونهي، الله اسان (سڀني) کي پاڻ ۾ (قيامت ڏينهن)

وَاِلَيۡهِ الۡمَصِيۡرُ ؕ ﴿١٥﴾ وَالَّذِيۡنَ يُحَآجُّوۡنَ فِى اللّٰهِ مِنۢ بَعۡدِ مَا

۽ انهيءَ ڏانهن ئي موٽڻو آهي، ۽ جيڪي جهيڙو ٿا وجهن الله جي دين ۾ ان جي مقبول ٿيڻ

گڏ ڪندو ۽ ڏانهس موٽڻ آهي، ۽ الله (جي دين) بابت سندس فرمان قبول ڪرڻ کان پوءِ جيڪي جهڳڙو ڪندا آهن،

اسۡتُجِيۡبَ لَهٗ حُجَّتُهُمۡ دَاحِضَةٌ عِنۡدَ رَبِّهِمۡ وَعَلَيۡهِمۡ غَضَبٌ

کان پوءِ ته انهن جو جهيڙو بيڪار آهي سندن رب وٽ ۽ انهن تي ڪاوڙ آهي

تن جي حجت سندن پالڻهار وٽ ڪوڙي ٿيڻ واري آهي ۽ مٿن (الله جو) ڏمر آهي

وَّلَهُمۡ عَذَابٌ شَدِيۡدٌ ﴿١٦﴾ اَللّٰهُ الَّذِىۡۤ اَنۡزَلَ الۡكِتٰبَ بِالۡحَقِّ وَالۡمِيۡزَانَ ؕ

۽ انهن لاءِ سخت عذاب آهي. الله اهو آهي جنهن لاٿو ڪتاب سچو ۽ ترازو (عدل).

۽ انهن لاءِ سخت عذاب آهي. الله اهو آهي جنهن سچو ڪتاب ۽ (انصاف جي) ترازي لاٿي.

وَمَا يُدْرِيكَ لَعَلَّ السَّاعَةَ قَرِيبٌ ⑰ يَسْتَعْجِلُ بِهَا الَّذِينَ

۽ ڇا خبر توکي شايد قيامت ويجهي هجي. تکڙو ٿا گهرن ان کي اهي جيکي

۽ توکي ڪهڙيءَ ڳالهه ڄاڻايو تہ متان قيامت ويجهي هجي. جيڪي قيامت کي نہ مڃيندا آهن، سي اُن کي

لَا يُؤْمِنُونَ بِهَا ۚ وَالَّذِينَ آمَنُوا مُشْفِقُونَ مِنْهَا ۙ وَيَعْلَمُونَ

نہ ٿا مڃن ان کي، ۽ جن مڃيو آهي سي ڊڄندڙ آهن ان کان ۽ ڄاڻن ٿا

تکڙو گهرندا آهن. ۽ جن ايمان آندو آهي سي ان کان ڊڄندا آهن ۽ ڄاڻندا آهن تہ بيشڪ

أَنَّهَا الْحَقُّ ۗ أَلَا إِنَّ الَّذِينَ يُمَارُونَ فِي السَّاعَةِ لَفِي ضَلَالٍ بَعِيدٍ ⑱

تہ اها برابر اچڻي آهي. خبردار جيڪي ماڻهو شڪ ٿا ڪن قيامت ۾ البت آهن ڏولائي ڏورانهين ۾.

اها سچ (اچڻي) آهي. خبردار! بيشڪ جيڪي قيامت بابت جهڳڙو ڪندا آهن، سي بيشڪ وڏيءَ گمراهيءَ ۾ آهن.

ع٢ اللَّهُ لَطِيفٌ بِعِبَادِهِ يَرْزُقُ مَنْ يَشَاءُ ۖ وَهُوَ الْقَوِيُّ الْعَزِيزُ ⑲ ع

الله نرمي ڪندڙ آهي پنهنجن ٻانهن سان عزت بخشي جنهن کي چاهي، ۽ اهوئي سگهارو زبردست آهي.

الله پنهنجن ٻانهن تي مهربان آهي، جنهن کي گهري (تنهن کي) روزي ڏيندو آهي ۽ اُهو سگهارو غالب آهي.

مَنْ كَانَ يُرِيدُ حَرْثَ الْآخِرَةِ نَزِدْ لَهُ فِي حَرْثِهِ ۖ وَمَنْ كَانَ

جيڪو گهري ٿو پوک آخرت جي تہ واڌارو ڪندا آهيون اسان ان لاءِ سندس پوک ۾، ۽ جيڪو

جيڪو آخرت جي پوک گهرندو آهي، تنهن لاءِ سنديس پوک ۾ واڌارو ڪندا آهيون ۽ جيڪو دنيا جي

يُرِيدُ حَرْثَ الدُّنْيَا نُؤْتِهِ مِنْهَا وَمَا لَهُ فِي الْآخِرَةِ مِنْ نَصِيبٍ ⑳

چاهي ٿو کيتي دنيا جي ڏيندا آهيون ان کي انهيءَ مان ۽ ناهي ان لاءِ آخرت ۾ ڪو ڀاڱو.

پوک جو ارادو ڪندو آهي، تنهن کي ڪجهہ منجهانئس ڏيندا آهيون ۽ آخرت ۾ ان جو ڪوبہ حصو نہ آهي.

أَمْ لَهُمْ شُرَكَاءُ شَرَعُوا لَهُمْ مِنَ الدِّينِ مَا لَمْ يَأْذَنْ بِهِ اللَّهُ ۚ

يا آهن انهن جا ڪي شريڪ جن هلايو آهي انهن لاءِ اهڙو طريقو جنهن جو نہ حڪم ڪيو آهي الله.

انهن (يعني ڪافرن) جا ڪي اهڙا شريڪ آهن ڇا جن انهن لاءِ دين مان (اهو) نئون رستو ٺاهيو آهي؟ جنهن جو الله حڪم نہ ڏنو آهي؟

وَلَوْلَا كَلِمَةُ الْفَصْلِ لَقُضِيَ بَيْنَهُمْ ۗ وَإِنَّ الظَّالِمِينَ لَهُمْ

۽ جيڪڏهن نہ هجي ها فيصلو ڪيل تہ ڪيو وڃي ها نبيرو انهن جي وچ ۾، ۽ بيشڪ ظالمن لاءِ آهي

۽ جيڪڏهن فيصلي ڪرڻ جو وعدو (ٽيل) نہ هجي ها تہ ضرور (هاڻي ئي) سندن وچ ۾ نبيرو ڪجي ها ۽ بيشڪ ظالمن لاءِ ئي

عَذَابٌ أَلِيمٌ ㉑ تَرَى الظَّالِمِينَ مُشْفِقِينَ مِمَّا كَسَبُوا وَهُوَ

عذاب دردناڪ. ڏسندين ظالمن کي ڊڄندڙ پنهنجي ڪئي کان ۽ اهو

ڏکوئيندڙ عذاب آهي. (اي پيغمبرا) ظالمن جيڪي ڪمايو آهي، تنهن (جي عذاب) سببان کين ڊڄندڙ ڏسندين ۽

وَاقِعٌۢ بِهِمۡ ؕ وَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فِىۡ رَوۡضٰتِ
پوندڙ آهي انهن تي، ۽ جن ايمان آندو ۽ ڪيا چڱا ڪم سي باغن
اهو (عذاب) کين پهچندڙ آهي. ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا سي بهشتن جي باغن ۾ هوندا.

الۡجَنّٰتِ ۚ لَهُمۡ مَّا يَشَآءُوۡنَ عِنۡدَ رَبِّهِمۡ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الۡفَضۡلُ الۡكَبِيۡرُ ﴿٢٢﴾
بهشتن ۾ هوندا. انهن لاءِ آهي جيڪي گهرن پنهنجي رب وٽ، اهائي آهي مهرباني وڏي.
جيڪي گهرندا سو سندن پالڻهار وٽ انهن لاءِ (موجود) آهي. اِهو ئي وڏو فضل آهي.

ذٰلِكَ الَّذِىۡ يُبَشِّرُ اللّٰهُ عِبَادَهُ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ؕ
اهائي خوشخبري ڏئي ٿو الله ٻانهن پنهنجن کي جن ۔ ايمان آندو ۽ ڪيا ڪم چڱا.
اهو (ثواب) اهو آهي، جنهن جي الله پنهنجن انهن ٻانهن کي خوشخبري ڏيندو آهي، جن ايمان آندو آهي ۽ چڱا ڪم ڪيا آهن.

قُلۡ لَّاۤ اَسۡـَٔلُكُمۡ عَلَيۡهِ اَجۡرًا اِلَّا الۡمَوَدَّةَ فِى الۡقُرۡبٰى ؕ وَمَنۡ يَّقۡتَرِفۡ
چؤ نہ ٿو گهران مان اوهان کان ان تي ڪا مزدوري پر محبت مائٽي واري، ۽ جيڪو ڪمائيندو
(اي پيغمبر! کين) چئو تہ، آءٌ اوهان کان ان (پيغام پهچائڻ) تي ڪو اجورو نہ ٿو گهران. پر (جڳائي تہ) مائٽن (جي وچ) ۾ محبت

حَسَنَةً نَّزِدۡ لَهٗ فِيۡهَا حُسۡنًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوۡرٌ شَكُوۡرٌ ﴿٢٣﴾ اَمۡ
نيڪي وڌائينداسون تنهن لاءِ ان ۾ سٺائي. بيشڪ الله بخشڻهار قدردان آهي. يا
(رکو) ۽ جيڪو نيڪي ڪمائيندو تنهن لاءِ ان نيڪيءَ ۾ خوبي وڌائينداسون. بيشڪ الله بخشڻهار قدردان آهي. چوندا آهن ڇا

يَقُوۡلُوۡنَ افۡتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا ۚ فَاِنۡ يَّشَاِ اللّٰهُ يَخۡتِمۡ عَلٰى
اهي چون ٿا مڙهيو اٿس الله تي ڪوڙ، پوءِ جيڪڏهن گهري الله تہ مُهر هڻي
تہ (پيغمبر پاڻ) الله تي ڪوڙ ناهيو آهي؟ پوءِ جيڪڏهن الله گهري تہ تنهنجيءَ دل تي مهر هڻي. الله باطل کي

قَلۡبِكَ ؕ وَيَمۡحُ اللّٰهُ الۡبَاطِلَ وَيُحِقُّ الۡحَقَّ بِكَلِمٰتِهٖ ؕ اِنَّهٗ عَلِيۡمٌۢ
دل تنهنجي تي، ۽ ڊاهي ٿو الله ڪوڙ کي ۽ ثابت رکي ٿو سچ کي پنهنجي ڳالهين سان. بيشڪ اهو ڄاڻندڙ آهي
مٽائيندو آهي ۽ پنهنجن سخنن سان سچي دين کي ثابت ڪندو آهي، بيشڪ اهو سينن وارو (ڳجهه) ڄاڻندڙ آهي.

بِذَاتِ الصُّدُوۡرِ ﴿٢٤﴾ وَهُوَ الَّذِىۡ يَقۡبَلُ التَّوۡبَةَ عَنۡ عِبَادِهٖ وَ
دلين جي راز کي. ۽ اهو ئي قبول ڪندو آهي توبه پنهنجن ٻانهن جي ۽
۽ اِهو اهو آهي جو پنهنجن ٻانهن جي توبه قبول ڪندو آهي ۽ گناهن کان معافي

يَعۡفُوۡا عَنِ السَّيِّاٰتِ وَيَعۡلَمُ مَا تَفۡعَلُوۡنَ ۙ ﴿٢٥﴾ وَيَسۡتَجِيۡبُ الَّذِيۡنَ
معاف ڪندو آهي بڇڙايون ۽ ڄاڻندو آهي جيڪي توهان ڪريو ٿا. ۽ ورنائيندو آهي انهن کي جن
ڏيندو آهي ۽ جيڪي ڪندا آهيو سو ڄاڻندو آهي، ۽ جن ايمان آندو آهي ۽ چڱا ڪم ڪيا آهن،

اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَيَزِيۡدُهُمۡ مِّنۡ فَضۡلِهٖ ؕ وَالۡكٰفِرُوۡنَ

ايمان آندو ۽ ڪيا ڪم چڱا ۽ وڌائيندو آهي انهن کي پنهنجي مهرباني سان. ۽ ڪافرن

تن جي دعا قبول ڪندو آهي ۽ پنهنجي فضل سان کين وڌيڪ (به) ڏيندو آهي ۽ ڪافرن لاءِ

لَهُمۡ عَذَابٌ شَدِيۡدٌ ﴿٢٦﴾ وَلَوۡ بَسَطَ اللّٰهُ الرِّزۡقَ لِعِبَادِهٖ لَبَغَوۡا

لاءِ عذاب سخت آهي. ۽ جي ڪشادي ڪري ها الله روزي پنهنجي ٻانهن جي ته بغاوت ڪن ها

ئي سخت سزا آهي. ۽ جيڪڏهن الله پنهنجن ٻانهن جي روزي ڪشادي ڪري ها ته ملڪ ۾ ضرور بگيڙ

فِى الۡاَرۡضِ وَلٰـكِنۡ يُّنَزِّلُ بِقَدَرٍ مَّا يَشَآءُ ؕ اِنَّهٗ بِعِبَادِهٖ خَبِيۡرٌۢ

ملڪ ۾ پر لاهي ٿو ماپ سان جيڪي چاهي ٿو. بيشڪ اهو پنهنجي ٻانهن جي خبر رکندڙ

وجهن ها پر جيترو (پاڻ) گهرندو آهي، (اوترو) نازل ڪندو آهي، ڇو ته اهو پنهنجن ٻانهن کي ڄاڻندڙ

بَصِيۡرٌ ﴿٢٧﴾ وَهُوَ الَّذِىۡ يُنَزِّلُ الۡغَيۡثَ مِنۡۢ بَعۡدِ مَا قَنَطُوۡا وَيَنۡشُرُ

ڏسندڙ آهي. ۽ اهو ئي آهي جو وسائي ٿو مينهن انهن جي نااميدي کانپوءِ ۽ پکيڙي ٿو

ڏسندڙ آهي. ۽ (الله) اهو آهي جو (ماڻهن جي) نااميد ٿيڻ کان پوءِ مينهن هيٺ موڪليندو آهي ۽ پنهنجي رحمت

رَحۡمَتَهٗ ؕ وَهُوَ الۡوَلِىُّ الۡحَمِيۡدُ ﴿٢٨﴾ وَمِنۡ اٰيٰتِهٖ خَلۡقُ السَّمٰوٰتِ

پاڄه پنهنجي. ۽ اهوئي ڪم ٺاهيندڙ ساراهيل آهي. ۽ ان جي نشانين مان آهي پيدا ڪرڻ آسمانن

پکيڙيندو آهي ۽ اهو (ئي) ڪارساز ساراهيل آهي. ۽ آسمانن ۽ زمين جو بڻائڻ ۽ جيڪي سندن

وَالۡاَرۡضِ وَمَا بَثَّ فِيۡهِمَا مِنۡ دَآبَّةٍ ؕ وَهُوَ عَلٰى جَمۡعِهِمۡ

۽ زمين جو ۽ جيڪي پکيڙيائين انهن ۾ ساهه وارا. ۽ اهو انهن جي گڏ ڪرڻ تي

وچ ۾ جرندڙ پکيڙيائين تن جو (بڻائڻ) سنديس نشانين مان آهي ۽ اهو جڏهن گهرندو (تڏهن) سندن گڏ ڪرڻ تي

اِذَا يَشَآءُ قَدِيۡرٌ ﴿٢٩﴾ ع وَمَاۤ اَصَابَكُمۡ مِّنۡ مُّصِيۡبَةٍ فَبِمَا كَسَبَتۡ

جڏهن چاهي قادر آهي. ۽ جا پئي توهان کي ڪا مصيبت پوءِ اها توهان جي هٿن

وسوارو آهي. ۽ جيڪا به تڪليف اوهان کي پهچندي آهي، سا اوهان جي هٿن جي ڪمائيءَ سببان آهي

اَيۡدِيۡكُمۡ وَيَعۡفُوۡا عَنۡ كَثِيۡرٍ ؕ ﴿٣٠﴾ وَمَاۤ اَنۡتُمۡ بِمُعۡجِزِيۡنَ فِى الۡاَرۡضِ ۖۚ

جي ڪئي سبب آهي ۽ معاف ڪري ٿو الله گهڻو ئي. ۽ نه آهيو توهان عاجز ڪندڙ زمين ۾

۽ گهڻن (گناهن) کان (الله) ٽارو ڪندو آهي. ۽ اوهين زمين ۾ (پنهجي) عاجز ڪرڻ وارا نه آهيو

وَمَا لَكُمۡ مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ مِنۡ وَّلِىٍّ وَّلَا نَصِيۡرٍ ﴿٣١﴾ وَمِنۡ اٰيٰتِهِ

۽ نه آهي توهان لاءِ الله کان سواءِ ڪو به ساٿي ۽ نڪو مددگار. ۽ ان جي نشانين مان آهن

۽ الله کان سواءِ اوهان جو نه ڪو ڪارساز ۽ نه ڪو مددگار آهي. ۽ سنديس نشانين مان

الْجَوَارِ فِي الْبَحْرِ كَالْأَعْلَامِ ﴿٣٢﴾ إِنْ يَّشَأْ يُسْكِنِ الرِّيحَ فَيَظْلَلْنَ

پيڙيون سمنڊ ۾ جبلن جهڙيون. جيڪڏهن اهو گهري تہ روڪي هوا کي پوءِ ٿري ٿين

سمنڊ ۾ جبلن وانگر جهاز (۽ ٻيڙا هلندا) آهن. جيڪڏهن (الله) گهري تہ واءُ کي روڪي، پوءِ ٻيڙا

رَوَاكِدَ عَلٰى ظَهْرِهٖ ۭ إِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ صَبَّارٍ شَكُوْرٍ ﴿٣٣﴾

بيهندڙ ان جي پٺيءَ تي، بيشڪ انهيءَ ۾ نشانيون آهن هر صبر ڪندڙ شڪر گذار لاءِ.

سمنڊ جي پٺيءَ تي (هلڻ کان) بيهي رهن. بيشڪ ان ۾ سڀڪنهن صبر ڪندڙ شڪر ڪندڙ لاءِ نشانيون آهن.

أَوْ يُوْبِقْهُنَّ بِمَا كَسَبُوْا وَيَعْفُ عَنْ كَثِيْرٍ ﴿٣٤﴾ وَّيَعْلَمَ الَّذِيْنَ

يا تباهہ ڪري انهن کي سندن ڪئي سبب ۽ معاف ڪري گهڻن کي، ۽ جيئن ڄاڻي انهن کي جيڪي

يا (جيڪڏهن گهري تہ) سندن ڪئي سببان ٻيڙين کي (ٻوڙي) ناس ڪري (تہ بہ وسوارو آهي) ۽ گهڻن (گناهن) کان ٽارو (بہ) ڪندو آهي. ۽ (تہ) جيڪي

يُجَادِلُوْنَ فِيْٓ اٰيٰتِنَا ۭ مَا لَهُمْ مِّنْ مَّحِيْصٍ ﴿٣٥﴾ فَمَآ أُوْتِيْتُمْ مِّنْ

جهڳڙو ڪن ٿا اسان جي آيتن ۾، ناهي انهن لاءِ ڪوبہ ڇوٽڪارو. پوءِ جيڪي مليو توهان کي

اسان جي آيتن بابت جهڳڙو ڪندا آهن، سي ڄاڻن تہ انهن لاءِ ڪو ڇوٽڪارو نہ آهي. پوءِ جيڪي اوهان کي ڏنو ويو آهي، سو ڪجهہ بہ هجي

شَيْءٍ فَمَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَمَا عِنْدَ اللّٰهِ خَيْرٌ وَّأَبْقٰى لِلَّذِيْنَ

ڪجهہ بہ سو سامان آهي دنيا جي حياتي جو. ۽ جيڪي الله وٽ آهي بهتر ۽ برقرار آهي انهن لاءِ جن

تہ اهو دنيوي حياتيءَ جو (ٿورو) سامان آهي ۽ جيڪي الله وٽ آهي سو ڀلو ۽ هميشہ رهڻ وارو انهن لاءِ آهي، جن

اٰمَنُوْا وَعَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ﴿٣٦﴾ وَالَّذِيْنَ يَجْتَنِبُوْنَ كَبٰٓئِرَ

ايمان آندو ۽ پنهنجي رب تي ڀروسو ڪن ٿا. ۽ جيڪي پاسو ڪن ٿا وڏن گناهن

ايمان آندو آهي ۽ پنهنجي پالڻهار تي ڀروسو ڪندا آهن. ۽ (انهن لاءِ بہ) جيڪي وڏن گناهن ۽

الْإِثْمِ وَالْفَوَاحِشَ وَإِذَا مَا غَضِبُوْا هُمْ يَغْفِرُوْنَ ﴿٣٧﴾ وَالَّذِيْنَ

کان ۽ بي حيائي کان ۽ جڏهن بہ ڪاوڙجن ٿا تہ اهي معافي ڏين ٿا. ۽ اهي جن

بيحيائين کان پاڻ پليندا آهن ۽ جڏهن ڪاوڙبا آهن (تڏهن) اهي بخشيندا آهن. ۽ جن

اسْتَجَابُوْا لِرَبِّهِمْ وَأَقَامُوا الصَّلٰوةَ ۠ وَأَمْرُهُمْ شُوْرٰى بَيْنَهُمْ ۠

حڪم مڃيو پنهنجي پالڻهار جو ۽ ساري پڙهيائون نماز ۽ ڪم انهن جو صلاح سان آهي پاڻ ۾

پنهنجي پالڻهار جو حڪم مڃيو ۽ نماز پڙهي ۽ سندن ڪم پاڻ ۾ صلاح سان هوندو آهي

وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿٣٨﴾ وَالَّذِيْنَ إِذَآ أَصَابَهُمُ الْبَغْيُ

۽ اسان جي ڏني مان خرچ ڪن ٿا. ۽ اهي ماڻهو جڏهن لڳي انهن تي ڏاڍ تہ

۽ جيڪي کين رزق ڏنوسون، تنهن مان خرچيندا آهن. ۽ اهي (اهڙا آهن) جو جڏهن کين ڪو ظلم پهچي

هُمۡ يَنۡتَصِرُوۡنَ ﴿٣٩﴾ وَجَزٰٓؤُا سَيِّئَةٍ سَيِّئَةٌ مِّثۡلُهَا ۚ فَمَنۡ عَفَا
اهي بدلو وٺن ٿا. ۽ بدلو برائيءَ جو آهي برائي اوتري پوءِ جنهن معاف ڪيو
(تڏهن مظلوم جو مناسب) بدلو وٺندا آهن. ۽ برائيءَ جو بدلو اهڙي برائي آهي. پوءِ جيڪو معاف ڪري

وَاَصۡلَحَ فَاَجۡرُهٗ عَلَى اللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿٤٠﴾ وَلَمَنِ
۽ صلح ڪيو پوءِ اجر ان جو الله تي آهي بيشڪ اهو نه تو پسند ڪري ظالمن کي. ۽ جنهن
۽ صلح ڪري تنهن جو اجر الله تي آهي، بيشڪ الله ظالمن کي دوست نه رکندو آهي. ۽ بيشڪ جيڪي

انۡتَصَرَ بَعۡدَ ظُلۡمِهٖ فَاُولٰٓئِكَ مَا عَلَيۡهِمۡ مِّنۡ سَبِيۡلٍ ﴿٤١﴾ اِنَّمَا
بدلو ورتو پنهنجي ايذائجڻ کان بعد پوءِ ناهي انهن تي ڪا به پڪڙ. رڳو
پنهنجي ايذائجڻ کان پوءِ وير وٺن تن تي ڪا (ڏورابي جي) واٽ ڪانهي. (ڏورابي جي)

السَّبِيۡلُ عَلَى الَّذِيۡنَ يَظۡلِمُوۡنَ النَّاسَ وَيَبۡغُوۡنَ فِى الۡاَرۡضِ
پڪڙ انهن تي آهي جيڪي ظلم ڪن ٿا ماڻهن تي ۽ ڏاڍ ڪن ٿا زمين ۾
واٽ رڳو انهن تي آهي، جيڪي ماڻهن کي ايذائيندا آهن ۽ ملڪ ۾ ناحق فساد وجهندا آهن.

بِغَيۡرِ الۡحَقِّ ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿٤٢﴾ وَلَمَنۡ صَبَرَ وَغَفَرَ
ناحق. انهن ماڻهن لاءِ عذاب دردناڪ آهي. ۽ جنهن صبر ڪيو ۽ بخشيو
انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي. ۽ البت جيڪو صبر ڪري ۽ بخشي (ته)

اِنَّ ذٰلِكَ لَمِنۡ عَزۡمِ الۡاُمُوۡرِ ﴿٤٣﴾ ؑ وَمَنۡ يُّضۡلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ ع ٤ ١٢ ٥
بيشڪ اهو البت همت جي ڪمن مان آهي. ۽ جنهن کي گمراهه ڪري الله ته ناهي انهيءَ لاءِ
بيشڪ اهو (ڳڻ) همت جي ڪمن مان آهي. ۽ جنهن کي الله گمراهه ڪري تنهن جو

مِنۡ وَّلِىٍّ مِّنۡۢ بَعۡدِهٖ ؕ وَتَرَى الظّٰلِمِيۡنَ لَمَّا رَاَوُا الۡعَذَابَ
ڪو به ساٿي ان کان پوءِ، ۽ تون ڏسندين ڏوهارين کي جڏهن اهي ڏسندا عذاب
ان کان پوءِ ڪو پرچهلو ڪونهي ۽ (تون) ظالمن کي ڏسندين ته جڏهن (اهي) سزا ڏسندا

يَقُوۡلُوۡنَ هَلۡ اِلٰى مَرَدٍّ مِّنۡ سَبِيۡلٍ ﴿٤٤﴾ ۚ وَتَرٰٮهُمۡ يُعۡرَضُوۡنَ عَلَيۡهَا
چوندا ته آهي پوئتي موٽڻ لاءِ ڪو چارو؟ ۽ تون ڏسندين انهن کي ته پيش ڪيا ويندا باهه تي
(تڏهن) چوندا ته (هاڻي دنيا ۾) ورڻ جي ڪا واهه آهي ڇا؟ ۽ کين ڏسندين جو دوزخ جي آڏو ڪبن.

خٰشِعِيۡنَ مِنَ الذُّلِّ يَنۡظُرُوۡنَ مِنۡ طَرۡفٍ خَفِىٍّ ؕ وَقَالَ الَّذِيۡنَ
عاجزي ڪندڙ خواري کان ڏسندا پيا اک جي پڇڙي جهڪي سان، ۽ چيو
خواريءَ کان جهڪا ٿيل هوندا ڏهيءَ اک سان پيا نهاريندا. ۽ مومن چوندا ته بيشڪ

اٰمَنُوْٓا اِنَّ الْخٰسِرِيْنَ الَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ وَاَهْلِيْهِمْ يَوْمَ
ايمان وارن بيشڪ نقصان وارا اهي آهن جن زيان ڪيو پنهنجو ۽ پنهنجي گهروارن جو ڏينهن
تونئي وارا اهي آهن جن پاڻ کي ۽ پنهنجن گهر وارن کي قيامت جي ڏينهن نقصان لاتو.

الْقِيٰمَةِ ؕ اَلَآ اِنَّ الظّٰلِمِيْنَ فِيْ عَذَابٍ مُّقِيْمٍ ﴿۴۵﴾ وَمَا كَانَ لَهُمْ
قيامت جي، خبردار بيشڪ ظالم هوندا عذاب دائميءَ ۾. ۽ نه هوندا انهن لاءِ
خبردار! بيشڪ ظالم هميشه جي عذاب ۾ هوندا. ۽ الله کان سواءِ انهن جا

مِّنْ اَوْلِيَآءَ يَنْصُرُوْنَهُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ
حمايتي جو مدد ڪن انهن جي الله کان سواءِ ۽ جنهن کي گمراهه ڪري الله
ڪي پرچهلا نه هوندا جي ڪين مدد ڏين ۽ جنهن کي الله گمراهه ڪري

فَمَا لَهٗ مِنْ سَبِيْلٍ ﴿۴۶﴾ اِسْتَجِيْبُوْا لِرَبِّكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ
پوءِ ناهي انهيءَ لاءِ ڪو چارو. مڃيو حڪم پنهنجي پالڻهار جو هن کان اڳ جو اچي
تنهن لاءِ ڪا واٽ نه آهي. پنهنجي پالڻهار جو حڪم ان ڏينهن (جي اچڻ) کان اڳ قبول ڪريو جنهن کي الله

يَوْمٌ لَّا مَرَدَّ لَهٗ مِنَ اللّٰهِ ؕ مَا لَكُمْ مِّنْ مَّلْجَاٍ يَّوْمَئِذٍ وَّمَا لَكُمْ
اهو ڏينهن جنهن کي ناهي هٽڻ الله جي طرفان، نه هوندو توهان لاءِ ڪو بچاءُ ان ڏينهن ۽ نه هوندو توهان کي
(جي پار) کان ٽرڻو نه آهي، ان ڏينهن نڪا اوهان کي واهه آهي ۽ نڪا اوهان لاءِ اوپري ٿي (لڪڻ جي جاءِ) آهي.

مِّنْ نَّكِيْرٍ ﴿۴۷﴾ فَاِنْ اَعْرَضُوْا فَمَآ اَرْسَلْنٰكَ عَلَيْهِمْ حَفِيْظًا ؕ اِنْ
ڪو انڪار. پوءِ جيڪڏهن منهن موڙين ته نه موڪليو آهي اسان توکي انهن تي نگهبان ڪري، رڳو
پوءِ جيڪڏهن (اهي) منهن موڙين ته توکي مٿن نگهبان ڪري نه موڪليو اٿون. توتي پيغام پهچائڻ کان سواءِ

عَلَيْكَ اِلَّا الْبَلٰغُ ؕ وَاِنَّآ اِذَآ اَذَقْنَا الْاِنْسَانَ مِنَّا رَحْمَةً فَرِحَ بِهَا ۚ
توتي آهي پهچائڻ ۽ بيشڪ جڏهن اسان چکايون ٿا ماڻهوءَ کي پنهنجي پاران ته خوش ٿئي ٿو ان تي،
(ٻيو) ڪجهه لازم نه آهي ۽ بيشڪ اسين جڏهن انسان کي پاڻ وٽان رحمت (جو مزو) چکائيندا آهيون (تڏهن) اُن سان خوش ٿيندو آهي

وَاِنْ تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ فَاِنَّ الْاِنْسَانَ كَفُوْرٌ ﴿۴۸﴾
۽ جيڪڏهن پهچي ٿي انهن کي ڪا برائي ان جي جو پيش ڪيو سندن هٿن ته پوءِ اهو انسان بي شڪر آهي.
۽ جيڪڏهن کا تڪليف سندن هٿن جي اڳ ڪئي سببان کين پهچندي آهي ته بيشڪ ماڻهو بي شڪر (ٿيندو) آهي.

لِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ ؕ يَهَبُ لِمَنْ يَّشَآءُ
الله جي حڪومت آهي آسمانن ۽ زمين تي، پيدا ڪري ٿو جيڪي گهري، ڏئي ٿو جنهنکي وڻيس
آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي خاص الله جي آهي، جيڪي گهري (سو) خلقيندو آهي، جنهن کي وڻيس (تنهن کي)

اِنَاثًا وَّیَهَبُ لِمَنۡ یَّشَآءُ الذُّكُوۡرَ ﴿٤٩﴾ اَوۡ یُزَوِّجُهُمۡ ذُكۡرَانًا وَّاِنَاثًا ج
ڌيئرون ۽ ڏئي ٿو جنهن کي وڻيس پٽ، يا گڏي ڏئي ٿو انهن کي پٽ ۽ ڌيئرون،
ڌيئرون بخشيندو آهي ۽ جنهن کي وڻيس تنهن کي پٽ بخشيندو آهي. يا کين پٽ ۽ ڌيئرون گڏ ڏيندو آهي

وَیَجۡعَلُ مَنۡ یَّشَآءُ عَقِیۡمًا ط اِنَّهٗ عَلِیۡمٌ قَدِیۡرٌ ﴿٥٠﴾ وَمَا كَانَ لِبَشَرٍ
۽ ڪري ٿو جنهن کي چاهي سنڍ، بيشڪ اهو ڄاڻندڙ قدرت وارو آهي. ۽ نه آهي ڪنهن ماڻهوءَ
۽ جنهن کي وڻيس (تنهن کي) سنڍ ڪندو آهي، بيشڪ اهو ڄاڻندڙ وسوارو آهي. ۽ ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ ٿيڻوئي نه آهي

اَنۡ یُّكَلِّمَهُ اللّٰهُ اِلَّا وَحۡیًا اَوۡ مِنۡ وَّرَآئِ حِجَابٍ اَوۡ یُرۡسِلَ رَسُوۡلًا
جو ڳالهائي ان سان الله پر اشاري سان يا پٺيان پردي جي يا موڪلي ڪو قاصد
ته الله ساڻس ڳالهائي، سواءِ هن جي ته اشاري سان يا پردي جي پويان يا ڪنهن قاصد موڪلڻ سان (ڳالهائي).

فَیُوۡحِیَ بِاِذۡنِهٖ مَا یَشَآءُ ط اِنَّهٗ عَلِیٌّ حَكِیۡمٌ ﴿٥١﴾ وَكَذٰلِكَ اَوۡحَیۡنَاۤ
پوءِ اهو پهچائي ٿو ان جي حڪم سان جو چاهي ٿو، يقينن اهو مٿانهون حڪمت وارو آهي. ۽ اهڙي طرح موڪليوسون
پوءِ جيڪي الله گهري سو سندس حڪم سان پهچائي ڏئي. بيشڪ اهو (سڀ کان) مٿاهون حڪمت وارو آهي. ۽ اهڙيءَ طرح اسان

اِلَیۡكَ رُوۡحًا مِّنۡ اَمۡرِنَا ط مَا كُنۡتَ تَدۡرِیۡ مَا الۡكِتٰبُ
توڏانهن قرآن کي پنهنجي ڪلام مان، نه ڄاڻندو هئين تون ته ڇا آهي ڪتاب
پنهنجي ڪلام سان توڏانهن قرآن وحي ڪيو (اڳ) تون نه ڄاڻندو هئين ته ڪتاب ڇا آهي؟ ۽ نڪي (ڄاڻندو هئين ته)

وَلَا الۡاِیۡمَانُ وَلٰكِنۡ جَعَلۡنٰهُ نُوۡرًا نَّهۡدِیۡ بِهٖ مَنۡ نَّشَآءُ
۽ ڇا آهي ايمان پر ڪيوسون انکي نور راهه ڏيکاريون ٿا ان سان جنهن کي چاهيون ٿا
ايمان (ڇا آهي)؟ پر قرآن کي نور ڪيو اٿون، پنهنجن ٻانهن مان جنهن کي گهرون

مِنۡ عِبَادِنَا ط وَاِنَّكَ لَتَهۡدِیۡۤ اِلٰی صِرَاطٍ مُّسۡتَقِیۡمٍ ﴿٥٢﴾ لا
پنهنجي ٻانهن مان، ۽ بيشڪ تون هدايت ڪرين ٿو رستي سڌي ڏانهن.
(تنهن کي) ان سان سڌو رستو ڏيکاريندا آهيون ۽ بيشڪ تون سڌي رستي ڏانهن هدايت ڪندو آهين.

صِرَاطِ اللّٰهِ الَّذِیۡ لَهٗ مَا فِی السَّمٰوٰتِ وَمَا فِی الۡاَرۡضِ ط
رستي الله جي ڏانهن جنهن جو آهي اهو سڀ جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي،
(يعني) انهيءَ الله جو رستو جو جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين آهي سو سندس آهي،

اَلَاۤ اِلَی اللّٰهِ تَصِیۡرُ الۡاُمُوۡرُ ﴿٥٣﴾ ع ۵
خبردار الله ڏانهن ئي موٽن ٿا سڀ معاملا.
خبردار! الله ڏانهن (ئي سڀ) ڪم وري ويندا آهن.

سُوْرَةُ الزُّخْرُفِ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ٨٩ رُكُوْعَاتُهَا ٧

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

حٰمٓ ۚ ① وَالْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ۙ ② اِنَّا جَعَلْنٰهُ قُرْءٰنًا عَرَبِيًّا لَّعَلَّكُمْ

حٰمٓ. قسم آهي ڪتاب پڌري جو. تہ اسان ڪيوسون انهيءَ کي قرآن عربي جيئن توهان

حٰمٓ. (هن) پڌري ڪتاب جو قسم آهي. تہ بيشڪ اسان هن (ڪتاب) کي عربيءَ (ٻوليءَ ۾) قرآن ڪيو آهي تہ مَن اوهين

تَعْقِلُوْنَ ③ وَاِنَّهٗ فِيْٓ اُمِّ الْكِتٰبِ لَدَيْنَا لَعَلِيٌّ حَكِيْمٌ ؕ ④ اَفَنَضْرِبُ

سمجهو. ۽ بيشڪ اهو لوح محفوظ ۾ اسان وٽ آهي تمام بلند مضبوط. ڇا پوءِ موڙيون اسان

سمجهو. ۽ بيشڪ اهو (ڪتاب) لوح محفوظ ۾ اسان وٽ (لکيل) آهي. بيشڪ (اهو ڪتاب) وڏي مرتبي وارو حڪمت وارو آهي.

عَنْكُمُ الذِّكْرَ صَفْحًا اَنْ كُنْتُمْ قَوْمًا مُّسْرِفِيْنَ ⑤ وَكَمْ اَرْسَلْنَا

توهان کان انهيءَ ذڪر کي پاسي ڪري جو توهان آهيو قوم حد کان لنگهندڙ. ۽ ڪيترائي موڪلياسون

اوهان کان نصيحت کي هن ڪري منهن موڙي ڇڏينداسون ڇا تہ اوهين حد کان لنگهيل قوم آهيو؟ ۽ اڳين (قومن) ۾

مِنْ نَّبِيٍّ فِي الْاَوَّلِيْنَ ⑥ وَمَا يَاْتِيْهِمْ مِّنْ نَّبِيٍّ اِلَّا كَانُوْا بِهٖ

نبي اڳين ۾. ۽ نہ ايندو هئو انهن وٽ ڪو بہ پيغمبر پر اهي ان تي

گهڻائي پيغمبر موڪلياسون. ۽ وٽن ڪو بہ پيغمبر نہ ٿي آيو جو ساڻس ٺٺوليون نہ ٿي ڪيائون.

يَسْتَهْزِءُوْنَ ⑦ فَاَهْلَكْنَآ اَشَدَّ مِنْهُمْ بَطْشًا وَّمَضٰى مَثَلُ الْاَوَّلِيْنَ ⑧

ٺٺوليون ڪندا هئا. پوءِ تباهہ ڪيوسون انهن کان بہ وڌيڪ سگهہ وارن کي ۽ گذريو آهي مثال اڳين جو.

پوءِ انهن (قريشن) کان سگهہ ۾ تمام ڏاڍن (عاد ۽ ثمود) کي (جو ڪافرن بلڪل سگهارا هئا) ناس ڪيوسون ۽ اڳين جي حالت (اڳئين بيان ۾)

وَلَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ لَيَقُوْلُنَّ خَلَقَهُنَّ

۽ جيڪڏهن پڇا ڪندين تون انهن کان تہ ڪنهن پيدا ڪيو آسمانن ۽ زمين کي تہ ضرور چوندا پيدا ڪيو آهي انهن کي

گذري چڪي آهي. ۽ جيڪڏهن (تون) ڪافرن پڇين تہ آسمانن ۽ زمين کي ڪنهن بڻايو؟ تہ ضرور چوندا تہ انهن کي

الْعَزِيْزُ الْعَلِيْمُ ۙ ⑨ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ مَهْدًا وَّجَعَلَ لَكُمْ

زبردست ڄاڻ واريءَ جنهن ڪئي توهان لاءِ ڌرتي قرار جي جاءِ ۽ ڪيائين توهان لاءِ

زبردست ڄاڻندڙ (الله) بڻايو آهي. (انهيءَ الله) جنهن اوهان لاءِ زمين کي وڇائو بڻايو ۽ اوهان لاءِ منجهس

فِيْهَا سُبُلًا لَّعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ۚ ⑩ وَالَّذِيْ نَزَّلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءًۢ

ان ۾ رستا جيئن توهان واٽ وارا ٿيو. ۽ جنهن لاٿو آسمان مان پاڻي

رستا بڻايا تہ مَن اوهين سڌو رستو لهو. ۽ (انهيءَ الله) جنهن آسمان مان اندازي سان پاڻي وسايو. پوءِ ان

بِقَدَرٍ فَاَنْشَرْنَا بِهٖ بَلْدَةً مَّيْتًا ۚ كَذٰلِكَ تُخْرَجُوْنَ ﴿١١﴾ وَالَّذِيْ
قدر آهر، پوءِ آباد ڪيوسون ان سان ملڪ غير آباد، اهڙيءَ طرح اوهان کي ڪڍيو ويندو. ۽ جنهن
(پاڻيءَ) سان ويران شهر کي آباد ڪيوسون. اهڙيءَ طرح اوهان کي (قبرن مان) ڪڍبو. ۽ (اُنهيءَ الله) جنهن

خَلَقَ الْاَزْوَاجَ كُلَّهَا وَجَعَلَ لَكُمْ مِّنَ الْفُلْكِ وَالْاَنْعَامِ مَا
پيدا ڪيا جوڙا هر قسم جا ۽ ڪيائين توهان لاءِ ٻيڙيون ۽ چوپايا جانور جن تي
هر قسم جا جانور بڻايا ۽ اوهان لاءِ ٻيڙيون ۽ اُهي جانور بڻايائين جن تي (اوهين) چڙهو.

تَرْكَبُوْنَ ﴿١٢﴾ لِتَسْتَوٗا عَلٰى ظُهُوْرِهٖ ثُمَّ تَذْكُرُوْا نِعْمَةَ رَبِّكُمْ اِذَا
سوار ٿيو ٿا. جيئن ٺهي ويهو انهن جي پٺين تي پوءِ ياد ڪريو احسان پنهنجي رب جو جڏهن
ته انهن جي پٺين تي سڌا ٿي ويهو. وري جڏهن مٿن سنوان ٿي ويهو (تڏهن) پنهنجي پالڻهار جي

اسْتَوَيْتُمْ عَلَيْهِ وَتَقُوْلُوْا سُبْحٰنَ الَّذِيْ سَخَّرَ لَنَا هٰذَا وَمَا
ٺهي ويهو ٿا ان تي ۽ چئو پاڪ آهي اها ذات جنهن تابع ڪيو اسان لاءِ هن کي ۽ نه
نعمت ياد ڪيو ۽ چئو ته اُهو (الله) پاڪ آهي، جنهن هيءَ اسان کي نوائي ڏنو ۽ (اسين) اُن کي (ڪڏهن)

كُنَّا لَهٗ مُقْرِنِيْنَ ﴿١٣﴾ وَاِنَّآ اِلٰى رَبِّنَا لَمُنْقَلِبُوْنَ ﴿١٤﴾ وَجَعَلُوْا لَهٗ مِنْ
هئاسون ان تي سگهه رکندڙ. ۽ بيشڪ اسان پنهنجي رب ڏانهن موٽندڙ آهيون. ۽ بڻايائون الله لاءِ
نوائڻ وارا نه هئاسون. ۽ بيشڪ اسين پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽڻ وارا آهيون. ۽ الله لاءِ سندس ٻانهن مان

عِبَادِهٖ جُزْءًا ۭ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَكَفُوْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿١٥﴾ ؏ اَمِ اتَّخَذَ مِمَّا يَخْلُقُ ع ٥
سندس ٻانهن مان اولاد، بيشڪ انسان البت بي شڪر ظاهر آهي. ڇا ورتائين پنهنجيءَ مخلوق مان
اولاد مقرر ڪيائون. بيشڪ انسان پڌرو بي شڪر آهي. (الله) پنهنجيءَ مخلوقات مان (پاڻ لاءِ) ڌيئرون اختيار ڪيون ڇا

بَنٰتٍ وَّاَصْفٰكُمْ بِالْبَنِيْنَ ﴿١٦﴾ وَاِذَا بُشِّرَ اَحَدُهُمْ بِمَا ضَرَبَ
ڌيئر ۽ چونڊي ڏنائين توهان کي پٽ؟ ۽ جڏهن واڌائي ڏجي ٿي انهن مان ڪنهن کي ان جي جنهن جو ڏنائين
۽ اوهان کي پٽن سان چونڊيو اٿس (ڇا)؟ ۽ جڏهن منجهانئن ڪنهين کي انهيءَ شيءِ (يعني ڌيءَ جي ڄمڻ) جي خبر ڏجي جيڪا

لِلرَّحْمٰنِ مَثَلًا ظَلَّ وَجْهُهٗ مُسْوَدًّا وَّهُوَ كَظِيْمٌ ﴿١٧﴾ اَوَمَنْ يُّنَشَّؤُا
الله لاءِ مثال ته ٿئي ٿو منهن ان جو ڪارو ۽ اهو آهي غم ڀريل. ڇا ۽ اهڙو جيڪو پلجي ٿو
ٻاجهاري (الله) لاءِ مثال بيان ڪئي اٿس، (تڏهن) سندس منهن ڪارا ٽجي ويندو آهي ۽ اهو ڏک ڀريو هوندو آهي. جيڪو ڳهن

فِي الْحِلْيَةِ وَهُوَ فِي الْخِصَامِ غَيْرُ مُبِيْنٍ ﴿١٨﴾ وَجَعَلُوا الْمَلٰٓئِكَةَ
زيورن ۾ ۽ اهو هجي جهڳڙي ۾ نه بيان ڪندڙ. ۽ بڻايو اٿن ملائڪن کي،
۾ پالجي ٿو ۽ لڙائيءَ ۾ پڌرو نه ٿو ٿئي، اهڙي کي (الله سان نسبت ڏين ٿا) ڇا؟ ۽ انهن ملائڪن کي

الَّذِيۡنَ هُمۡ عِبٰدُ الرَّحۡمٰنِ اِنَاثًا ؕ اَشَهِدُوۡا خَلۡقَهُمۡ ؕ سَتُكۡتَبُ
جيڪي اهي الله جا ٻانها آهن، عورتون، ڇا انهن ڏٺي هئي پيدائش انهن جي، اجهو لکبي
(الله جيون) ڌيئرون مقرر ڪيون اٿن جي (ٻاڻ) الله جا ٻانها آهن. (اهي) سندن پيدا ٿيڻ وقت حاضر هئا؟ سندين

شَهَادَتُهُمۡ وَيُسۡـَٔلُوۡنَ ﴿١٩﴾ وَقَالُوۡا لَوۡ شَآءَ الرَّحۡمٰنُ مَا عَبَدۡنٰهُمۡ ؕ
شاهدي انهن جي ۽ ڪائن پڇا ٿيندي. ۽ چيائون جيڪڏهن گهري ها الله ته نه پوڄا ڪيون ها انهن جي،
(اها) شاهدي سگهو لکبي ۽ (هو قيامت ۾) پڇيا ويندا. ۽ چوندا آهن ته جيڪڏهن ٻاجهارو (الله) گهري ها ته انهن (ملائڪن) جي عبادت نه

مَا لَهُمۡ بِذٰلِكَ مِنۡ عِلۡمٍ ٭ اِنۡ هُمۡ اِلَّا يَخۡرُصُوۡنَ ﴿٢٠﴾ؕ اَمۡ اٰتَيۡنٰهُمۡ كِتٰبًا
ناهي انهن کي ان جي ڪا ڄاڻ، اهي رڳو اٽڪلون ٿا ڪن. ڇا اسان ڏنو آهي انهن کي ڪو ڪتاب
ڪريون ها! ڪين هن (ڳالهه) جي ڪا ڄاڻپ نه آهي، اِهي رڳو اٽڪل هڻندا آهن. ڪين هن (قرآن) کان اڳ ڪو ڪتاب ڏنو اٿون جا،

مِّنۡ قَبۡلِهٖ فَهُمۡ بِهٖ مُسۡتَمۡسِكُوۡنَ ﴿٢١﴾ بَلۡ قَالُوۡۤا اِنَّا وَجَدۡنَاۤ اٰبَآءَنَا
ان کان اڳي پوءِ اهي ان کي چنبڙي وٺندڙ آهن. پر چيائون اسان ڏٺوسون پنهنجن ابن ڏاڏن کي
جو انهن اُن کي چنبڙي ورتو آهي؟ (نه) بلڪ چوندا آهن ته بيشڪ اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کي هڪ طريقي تي ڏٺو

عَلٰۤى اُمَّةٍ وَّاِنَّا عَلٰۤى اٰثٰرِهِمۡ مُّهۡتَدُوۡنَ ﴿٢٢﴾ وَكَذٰلِكَ مَاۤ اَرۡسَلۡنَا مِنۡ
دين تي ۽ اسان آهيون انهن جي نشانن تي رستو وٺندڙ. ۽ اهڙي طرح جڏهن نه موڪليوسون
۽ بيشڪ اسين سندن پيرن تي سڌو هلڻ وارا آهيون. ۽ اهڙيءَ طرح اڳ توکان ڪنهن ڳوٺ

قَبۡلِكَ فِىۡ قَرۡيَةٍ مِّنۡ نَّذِيۡرٍ اِلَّا قَالَ مُتۡرَفُوۡهَاۤ ۙ اِنَّا وَجَدۡنَاۤ
توکان اڳ ۾ ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪو خوف ڏياريندڙ ته چوڻ لڳا اتان جا سرمائيدار بيشڪ اسان ڏٺوسون
۾ ڪو ڊيڄاريندڙ نه موڪليوسون، پر ان جي عياشيين (ماڻهن) چيو ته اسان پنهنجا پيءُ ڏاڏا هڪ طريقي تي ڏٺا

اٰبَآءَنَا عَلٰۤى اُمَّةٍ وَّاِنَّا عَلٰۤى اٰثٰرِهِمۡ مُّقۡتَدُوۡنَ ﴿٢٣﴾ قٰلَ اَوَلَوۡ جِئۡتُكُمۡ
پنهنجن ابن ڏاڏن کي هڪ طريقي تي ۽ اسان انهن جي وکن تي هلندڙ آهيون. چيائين ڇا جيتوڻيڪ آڻيان توهان وٽ
۽ بيشڪ اسين انهن جي (ئي) پيرن تي پيروي ڪندڙ آهيون. (پيغمبرا ڪين) چيو ته، (پنهنجن ابن ڏاڏن جي پيروي ڪندؤ) ڇا؟ جيتوڻيڪ اوهان وٽ

بِاَهۡدٰى مِمَّا وَجَدۡتُّمۡ عَلَيۡهِ اٰبَآءَكُمۡ ؕ قَالُوۡۤا اِنَّا بِمَاۤ اُرۡسِلۡتُمۡ بِهٖ
وڌيڪ سڌي راهه ان کان جنهن تي لڌو اٿو پنهنجن ابن ڏاڏن کي، چيائون اسان توهان جي آندل شيءِ کي
اُهو (دين) آندو اٿم، جنهن (دين) تي اوهان پنهنجن پيُن ڏاڏن کي ڏٺو تنهن کان وڌيڪ سڌو رستو ڏيکاريندڙ آهي. چيائون ته جنهن شيءِ سان اوهان

كٰفِرُوۡنَ ﴿٢٤﴾ فَانۡتَقَمۡنَا مِنۡهُمۡ فَانۡظُرۡ كَيۡفَ كَانَ عَاقِبَةُ الۡمُكَذِّبِيۡنَ ﴿٢٥﴾ ع
بلڪل نه مڃيندا سون. پوءِ بدلو ورتوسون انهن کان پوءِ ڏس ته ڪيئن ٿيو انجام ڪوڙي ڪندڙن جو.
کي موڪليو ويو آهي تنهن جا اسين منڪر آهيون. پوءِ ڪائن بدلو ورتوسون، پوءِ ڏس ته ڪوڙن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي!

النصف ع ٢

وَاِذۡ قَالَ اِبۡرٰهِيۡمُ لِاَبِيۡهِ وَقَوۡمِهٖۤ اِنَّنِىۡ بَرَآءٌ مِّمَّا تَعۡبُدُوۡنَ ﴿٢٦﴾ اِلَّا
۽ (ياد ڪر) جڏهن چيو ابراهيم پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجي قوم کي تہ مان بيزار آهيان انڪان جنهن جي پوڄا ٿا ڪريو. سواءِ
۽ (ياد ڪر!) جڏهن ابراهيم پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجيءَ قوم کي چيو تہ. جنهن شيءِ کي (اوهين) پوڄيندا آهيو تنهن کان بيشڪ آءٌ بيزار آهيان.

الَّذِىۡ فَطَرَنِىۡ فَاِنَّهٗ سَيَهۡدِيۡنِ ﴿٢٧﴾ وَجَعَلَهَا كَلِمَةًۢ بَاقِيَةً فِىۡ
ان ذات جي جنهن خلقيو مونکي پوءِ اهو ڏگ لائيندو مونکي. ۽ ڪيائين انهيءَ کي ڳالهہ رهندڙ پنهنجن
پر جنهن مون کي پيدا ڪيو سو بيشڪ مون کي سگهوئي هدايت ڪندو. ۽ الله سندن اولاد ۾ اها (توحيد جي ڪلمي جي)

عَقِبِهٖ لَعَلَّهُمۡ يَرۡجِعُوۡنَ ﴿٢٨﴾ بَلۡ مَتَّعۡتُ هٰٓؤُلَآءِ وَاٰبَآءَهُمۡ حَتّٰى
پونيرن ۾ مَنَ اهي رجوع ٿين. بلڪ مون نفعو ڏنو انهن کي ۽ انهن جي ابن ڏاڏن کي نيٺ
ڳالهہ هميشہ رهائي تہ مَن اهي (ڪافر) موٽن. بلڪ اسان اِنهن ۽ سندن ابن ڏاڏن کي آسائشو ڪيو تان جو

جَآءَهُمُ الۡحَقُّ وَرَسُوۡلٌ مُّبِيۡنٌ ﴿٢٩﴾ وَلَمَّا جَآءَهُمُ الۡحَقُّ قَالُوۡا هٰذَا
آيو انهن وٽ سچو دين ۽ رسول پڌرو. ۽ جڏهن آيو وٽن اهو حق چيائون هي
وٽن سچو دين ۽ پڌرو پيمغبر (محمد ﷺ) آيو. ۽ جنهن مهل سچو دين وٽن آيو (تنهن مهل) چيائون تہ هيءُ

سِحۡرٌ وَّاِنَّا بِهٖ كٰفِرُوۡنَ ﴿٣٠﴾ وَقَالُوۡا لَوۡلَا نُزِّلَ هٰذَا الۡقُرۡاٰنُ عَلٰى رَجُلٍ
جادو آهي ۽ اسان ان جا انڪاري آهيون. ۽ چيائون چو نہ لاٿو ويو هي قرآن ڪنهن ماڻهوءَ هنن
جادو آهي ۽ بيشڪ اسين اُن جا منڪر آهيون. ۽ چيائون تہ (هنن) ٻن ڳوٺن (مڪي ۽ طائف) وارن مان ڪنهن وڏي ماڻهوءَ تي

مِّنَ الۡقَرۡيَتَيۡنِ عَظِيۡمٍ ﴿٣١﴾ اَهُمۡ يَقۡسِمُوۡنَ رَحۡمَتَ رَبِّكَ ؕ نَحۡنُ قَسَمۡنَا
ٻن ڳوٺن مان وڏي تي. ڇا اهي ورهائن ٿا رحمت تنهنجي رب جي. اسان ئي ورهايو آهي
هيءُ قرآن ڇو نہ نازل ڪيو ويو؟ اِهي تنهنجي پالڻهار جي رحمت ورهائيندا آهن ڇا؟ دنيا جي حياتيءَ ۾

بَيۡنَهُمۡ مَّعِيۡشَتَهُمۡ فِى الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا وَرَفَعۡنَا بَعۡضَهُمۡ فَوۡقَ بَعۡضٍ
انهن جي وچ ۾ سندن گذران کي دنيا جي حياتي ۾ ۽ بلند ڪيا آهن هڪڙن جا ٻين جي مٿان
سندن روزي سندن وچ ۾ اسان ئي ورهائي آهي ۽ انهن مان هڪڙن کي ٻين کان وڏي مرتبي وارو ڪيوسون

دَرَجٰتٍ لِّيَتَّخِذَ بَعۡضُهُمۡ بَعۡضًا سُخۡرِيًّا ؕ وَرَحۡمَتُ رَبِّكَ خَيۡرٌ مِّمَّا
مرتبا جيئن بڻائن هڪڙا ٻين کي خدمتگار، ۽ رحمت تنهنجي رب جي ڀلي آهي ان کان
تہ جيئن هڪڙا ٻين کي خدمتگار ڪري وٺن ۽ جيڪو (دنيا جو مال) گڏ ڪندا آهن، تنهن کان تنهنجي پالڻهار جي رحمت ڀلي آهي.

يَجۡمَعُوۡنَ ﴿٣٢﴾ وَلَوۡلَاۤ اَنۡ يَّكُوۡنَ النَّاسُ اُمَّةً وَّاحِدَةً لَّجَعَلۡنَا لِمَنۡ
جو ميڙن ٿا. ۽ جيڪڏهن نہ هجي ها هيءُ تہ ٿيندا ماڻهو ٽولو هڪڙو ڪفر جو تہ ڪريون ها انهن لاءِ جيڪي
۽ جيڪڏهن ائين نہ هجي ها تہ (متان) ماڻهو هڪ ٽولي (ڪفر جي) ٿي وڃن تہ جيڪي

يَّكۡفُرُ بِالرَّحۡمٰنِ لِبُيُوۡتِهِمۡ سُقُفًا مِّنۡ فِضَّةٍ وَّمَعَارِجَ عَلَيۡهَا يَظۡهَرُوۡنَ ﴿٣٣﴾ لا

كفر كن ٿا الله جو سندن گهرن جون ڇتيون چانديءَ جون ۽ ڏاڪڻيون به جن تي اهي چڙهندا آهن.

ٻاجهاري (الله) جو انڪار ڪندا آهن، تن لاءِ سندن گهرن جون ڇتيون ۽ ڏاڪڻيون جن تي چڙهن سي چانديءَ جون ڪريون ها.

وَلِبُيُوۡتِهِمۡ اَبۡوَابًا وَّسُرُرًا عَلَيۡهَا يَتَّكِـُٔوۡنَ ﴿٣٤﴾ لا وَزُخۡرُفًا ط وَاِنۡ كُلُّ

۽ انهن جي گهرن جا دروازا ۽ پلنگ جن تي اهي ٽيڪ ڏئي ويهندا آهن.(چاندي) ۽ سون ۽ ناهي

۽ سندن گهرن جا دروازا ۽ پلنگ جن تي ٽيڪ ڏئي ويهن (سي به چانديءَ جا ڪريون ها). ۽ (ٻيا) سون (جا به ڪريون ها).

ع ١٠

ذٰلِكَ لَمَّا مَتَاعُ الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا ط وَالۡاٰخِرَةُ عِنۡدَ رَبِّكَ لِلۡمُتَّقِيۡنَ ﴿٣٥﴾ ع

اهو ڪجهه پر سامان دنيا جي حياتي جو، ۽ آخرت تنهنجي رب وٽ آهي، پرهيزگارن لاءِ.

۽ اهو سڀڪجهه رڳو دنيا جي حياتيءَ جو (ٿورو مال) متاع آهي ۽ تنهنجي پالڻهار وٽ آخرت پرهيزگارن لاءِ آهي.

وَمَنۡ يَّعۡشُ عَنۡ ذِكۡرِ الرَّحۡمٰنِ نُقَيِّضۡ لَهٗ شَيۡطٰنًا فَهُوَ لَهٗ قَرِيۡنٌ ﴿٣٦﴾

۽ جيڪو انڌو ٿيندو الله جي ياد کان ته بڇيندا سون ان تي شيطان پوءِ اهو انهيءَ جو ساٿي ٿئي ٿو.

۽ جيڪو ٻاجهاري (الله) جي ياد ڪرڻ کان غافل ٿيندو آهي، تنهن لاءِ هڪ شيطان مقرر ڪندا آهيون. جو اهو ان جو سنگتي هوندو آهي.

وَاِنَّهُمۡ لَيَصُدُّوۡنَهُمۡ عَنِ السَّبِيۡلِ وَيَحۡسَبُوۡنَ اَنَّهُمۡ مُّهۡتَدُوۡنَ ﴿٣٧﴾

۽ بيشڪ اهي روڪن ٿا انهن کي رستي کان ۽ ڀانئن ٿا ته اهي پاڻ راهه تي آهن.

۽ بيشڪ اهي (شيطان) انهن کي (سڌيءَ) واٽ کان جهليندا آهن ۽ (ماڻهو پاڻ) ڀائيندا آهن ته اهي هدايت وارا آهن.

حَتّٰۤى اِذَا جَآءَنَا قَالَ يٰلَيۡتَ بَيۡنِىۡ وَبَيۡنَكَ بُعۡدَ الۡمَشۡرِقَيۡنِ فَبِئۡسَ

نيٺ جڏهن ايندو اسان وٽ ته چوندو هاءِ جيڪر هجي ها منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ سنڌو اوڀر ۽ اولهه جو پوءِ بڇڙو آهي

تان جو جڏهن اسان وٽ ايندو (تڏهن پنهنجي سنگتيءَ شيطان کي) چوندو ته هاءِ افسوس! (جيڪر) منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ اوڀر اولهه جيتري ڏورائي

الۡقَرِيۡنُ ﴿٣٨﴾ وَلَنۡ يَّنۡفَعَكُمُ الۡيَوۡمَ اِذۡ ظَّلَمۡتُمۡ اَنَّكُمۡ فِى الۡعَذَابِ

اهو دوست ۽ هرگز نه فائدو ڏيندو اوهان کي اڄ جڏهن توهان ظلم ڪيو بيشڪ توهان عذاب ۾

هجي ها جو (تنهنجي) سنگت بڇڙي آهي. ۽ (چونداسون ته) چونڪ ظلم ڪيو اٿوَ (تنهن ڪري) اڄ اوهان کي (اها ڳالهه) اصل فائدو نه ڏيندي ته

مُشۡتَرِكُوۡنَ ﴿٣٩﴾ اَفَاَنۡتَ تُسۡمِعُ الصُّمَّ اَوۡ تَهۡدِى الۡعُمۡىَ وَمَنۡ كَانَ

شريڪ آهيو. ڇا پوءِ تون ٻڌائيندين ٻوڙن کي يا ڏڳ لائيندين انڌن کي ۽ انهن کي جيڪي

اوهين (۽ شيطان منهنجي) عذاب منجهه پاڻ ۾ ڀائيوار هجو. (اي پيغمبر!) تون ٻوڙن کي ٻڌائي ٿو سگهين ڇا؟ يا انڌن کي ۽ اهو جيڪو پڌريءَ

فِىۡ ضَلٰلٍ مُّبِيۡنٍ ﴿٤٠﴾ فَاِمَّا نَذۡهَبَنَّ بِكَ فَاِنَّا مِنۡهُمۡ مُّنۡتَقِمُوۡنَ ﴿٤١﴾ لا اَوۡ

آهن گمراهي پڌري ۾. پوءِ جيڪڏهن اسان نيئنداسون توکي ته به انهن کان بدلو وٺنداسون. يا

گمراهيءَ ۾ آهي، تنهن کي هدايت ڪري سگهين ٿو ڇا؟ پوءِ جيڪڏهن توکي (هن جهان مان) نيون ته بيشڪ اسين (اتي ٿي) کانئن بدلو وٺڻ وارا آهيون. يا

نُرِيَنَّكَ الَّذِىۡ وَعَدۡنٰهُمۡ فَاِنَّا عَلَيۡهِمۡ مُّقۡتَدِرُوۡنَ ﴿٤٢﴾ فَاسۡتَمۡسِكۡ

ڏيکاريندا سون توکي جيڪو انجام ڏنوسون انهن کي پوءِ اسان انهن تي سگهه رکندڙ آهيون. پوءِ تون سوگهو جهل

جيڪو ڪين انجام ڏنو اٿون سو توکي ڏيکاريون ته به بيشڪ اسين مٿن وسوارا آهيون. تنهن ڪري جيڪي

بِالَّذِىۡۤ اُوۡحِىَ اِلَيۡكَ‌ۚ اِنَّكَ عَلٰى صِرَاطٍ مُّسۡتَقِيۡمٍ ﴿٤٣﴾ وَاِنَّهٗ لَذِكۡرٌ لَّكَ

ان کي جيڪي موڪليل آهي تو ڏانهن، بيشڪ تون آهين رستي سڌي تي. ۽ بيشڪ اهو (قرآن) نصيحت آهي تو لاءِ

تو ڏانهن وحي ڪيو ويو، تنهن کي تون چنبڙي وٺ، بيشڪ تون سڌيءَ واٽ تي آهين. ۽ بيشڪ اهو (قرآن) تو لاءِ

وَلِقَوۡمِكَ‌ۚ وَسَوۡفَ تُسۡـَٔـلُوۡنَ ﴿٤٤﴾ وَسۡـَٔلۡ مَنۡ اَرۡسَلۡنَا مِنۡ قَبۡلِكَ

۽ تنهنجي قوم لاءِ، ۽ اجهو توهان کان پڇا ٿيندي. ۽ پڇا ڪر خبرون انهن جون جيڪي موڪلياسون توکان اڳ ۾

۽ تنهنجيءَ قوم لاءِ نصيحت آهي ۽ (اوهين) سگهوئي پڇيا ويندؤ. ۽ پنهنجن پيغمبرن مان جيڪي توکان اڳ موڪليا هئاسون تن جو (احوال) پڇ

مِنۡ رُّسُلِنَاۤ اَجَعَلۡنَا مِنۡ دُوۡنِ الرَّحۡمٰنِ اٰلِهَةً يُّعۡبَدُوۡنَ ﴿٤٥﴾ وَلَقَدۡ ع

پنهنجا رسول، ڇا ڪياسون رحمان کان سواءِ ڪي ٻيا خدا جن جي پوڄا ڪجي. ۽ يقينن

ته ڇا ٻاجهاري (الله) کان سواءِ (ڪي) ٻيا معبود بڻايا هئاسون ڇا، جن جي پوڄا ڪئي وڃي؟ ۽ بيشڪ موسىٰ کي پنهنجين

اَرۡسَلۡنَا مُوۡسٰى بِاٰيٰتِنَاۤ اِلٰى فِرۡعَوۡنَ وَمَلَا۟ئِهٖ فَقَالَ اِنِّىۡ رَسُوۡلُ رَبِّ

موڪليوسون موسىٰ کي پنهنجي آيتن سان فرعون ۽ ان جي سردارن ڏانهن پوءِ چيائين بناشڪ مان آهيان رسول رب

نشانين سان فرعون ۽ سندس سردارن ڏانهن موڪليوسون، پوءِ چيائين ته بيشڪ آءٌ جهانن جي پالڻهار جو موڪليل آهيان.

الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿٤٦﴾ فَلَمَّا جَآءَهُمۡ بِاٰيٰتِنَاۤ اِذَا هُمۡ مِّنۡهَا يَضۡحَكُوۡنَ ﴿٤٧﴾ وَمَا

العالمين جو. پوءِ جڏهن آندائين انهن وٽ نشانيون اسان جون تڏهن اهي انهن تي کلڻ لڳا. ۽ نه

پوءِ جنهن مهل وٽن اسان جي نشانين سان آيو (تنهن مهل) اوچتو اهي انهن (معجزن) تي کلندا رهيا. ۽ ڪا به

نُرِيۡهِمۡ مِّنۡ اٰيَةٍ اِلَّا هِىَ اَكۡبَرُ مِنۡ اُخۡتِهَا‌ زوَاَخَذۡنٰهُمۡ بِالۡعَذَابِ

ٿي ڏيکاري اسان انهن کي ڪا نشاني پر اها وڏي هئي پهرينءَ کان، ۽ پڪڙيوسون انهن کي عذاب سان

نشاني ڪين نه ٿي ڏيکاري سون پر اها (نشاني) ان جي اڳين کان تمام وڏي هئي ۽ کين عذاب سان پڪڙيوسون

لَعَلَّهُمۡ يَرۡجِعُوۡنَ ﴿٤٨﴾ وَقَالُوۡا يٰۤاَيُّهَ السّٰحِرُ ادۡعُ لَنَا رَبَّكَ بِمَا عَهِدَ عِنۡدَكَ‌ۚ

ته جيئن اهي موٽن. ۽ چيائون اي جادوگر دعا گهر اسان لاءِ پنهنجي رب کان ان سان جيئن ٻولي اٿس تو وٽ،

ته مَنَ اهي (ڪفر کان) موٽن. ۽ چيائون ته، اي جادوگر! پنهنجي پالڻهار کان اسان لاءِ انهيءَ (وسيلي) سان دعا گهر جنهن جو تو سان انجام ڪيو اٿس،

اِنَّنَا لَمُهۡتَدُوۡنَ ﴿٤٩﴾ فَلَمَّا كَشَفۡنَا عَنۡهُمُ الۡعَذَابَ اِذَا هُمۡ يَنۡكُثُوۡنَ ﴿٥٠﴾

بيشڪ اسان هدايت وارا ٿينداسون. پوءِ جڏهن ٽاريوسون انهن کان عذاب ته اهي وعدو ڀڃي ويا.

ته بيشڪ اسين هدايت وارا ٿينداسون. پوءِ جنهن مهل کانئن عذاب لاٿوسون (تنهن مهل) اهي اتي ئي (قول) ڀڃندا رهيا.

وَنَادٰى فِرْعَوْنُ فِىْ قَوْمِهٖ قَالَ يٰقَوْمِ اَلَيْسَ لِىْ مُلْكُ مِصْرَ وَ

۽ پڙهو گهمايو فرعون پنهنجي قوم کي چيائين اي منهنجي قوم ڇا ناهي منهنجي بادشاهي مصر جي ۽

۽ فرعون پنهنجيءَ قوم ۾ پڙهو ڏنو، چيائين تہ اي منهنجي قوم! مصر جي بادشاهي منهنجي نہ آهي ڇا؟ ۽

هٰذِهِ الْاَنْهٰرُ تَجْرِىْ مِنْ تَحْتِىْ ۚ اَفَلَا تُبْصِرُوْنَ ﴿٥١﴾ اَمْ اَنَا خَيْرٌ مِّنْ

هي نهرون جو وهن ٿيون منهنجي هيٺ هيٺ، ڇا توهان نہ ٿا ڏسو. بلڪ آءٌ بهتر آهيان

هي نهرون منهنجي (ماڙين جي) هيٺان (نہ) وهنديون آهن ڇا؟ اوهين نہ ڏسندا آهيو ڇا؟ (نہ!) بلڪ آءٌ هن (موسىٰ)

هٰذَا الَّذِىْ هُوَ مَهِيْنٌ ۙ وَّلَا يَكَادُ يُبِيْنُ ﴿٥٢﴾ فَلَوْلَآ اُلْقِىَ عَلَيْهِ اَسْوِرَةٌ

هن کان جيڪو اهو ڪمزور آهي ۽ نہ ٿو سگهي چٽو ڳالهائي. پوءِ ڇو نہ وڌا ويا انکي ڪنگڻ

کان ڀلو آهيان، جيڪو خسيس آهي ۽ چٽو ڳالهائي بہ نٿو سگهي. پوءِ مٿس سون جا ڪنگڻ ڇو نہ لاٿا ويا

مِّنْ ذَهَبٍ اَوْ جَآءَ مَعَهُ الْمَلٰٓئِكَةُ مُقْتَرِنِيْنَ ﴿٥٣﴾ فَاسْتَخَفَّ قَوْمَهٗ

سون جا يا آيا ان سان ملائڪ گڏجي. پوءِ بيوقوف بڻايائين پنهنجي ماڻهن کي

يا ساڻس گڏ ٿي ملائڪ ڇو نہ آيا؟ پوءِ پنهنجيءَ قوم کي بيوقوف بڻايائين، (تنهن ڪري)

فَاَطَاعُوْهُ ۭ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا فٰسِقِيْنَ ﴿٥٤﴾ فَلَمَّآ اٰسَفُوْنَا انْتَقَمْنَا

پوءِ چيو ورتائون ان جو، اهي هئا ماڻهو ڏوهاري. پوءِ جڏهن رنجايائون اسان کي تہ بدلو ورتوسون

فرمانبرداري ڪيائونس، بيشڪ اُهي بي دين قوم هئا. پوءِ جڏهن اسان کي ڪاوڙايائون (تڏهن) کانئن وير ورتوسون،

مِنْهُمْ فَاَغْرَقْنٰهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٥٥﴾ فَجَعَلْنٰهُمْ سَلَفًا وَّمَثَلًا لِّلْاٰخِرِيْنَ ﴿٥٦﴾ ع

انهن کان ۽ ٻوڙيوسون انهن سمورن کي. پوءِ ڪيوسون انهن کي اڳواڻ باهہ ڏي ۽ عبرت پوين لاءِ.

پوءِ انهن سڀني کي ٻوڙيوسون. پوءِ ڪين (ڪافرن جو) اڳواڻ ۽ پوين لاءِ آکاڻي ڪيوسون.

وَلَمَّا ضُرِبَ ابْنُ مَرْيَمَ مَثَلًا اِذَا قَوْمُكَ مِنْهُ يَصِدُّوْنَ ﴿٥٧﴾

۽ جڏهن بيان ڪيو ويو ابن مريم جو قصو تڏهن تنهنجي قوم ان تي شور مچايو.

۽ جڏهن مريم جي پٽ جو قصو بيان ڪيو ويو (تڏهن) اُمالڪ اُن (قصي) کان تنهنجي قوم لڙ مچائيندي آهي. ۽

وَقَالُوْٓا ءَاٰلِهَتُنَا خَيْرٌ اَمْ هُوَ ۭ مَا ضَرَبُوْهُ لَكَ اِلَّا جَدَلًا ۭ بَلْ هُمْ قَوْمٌ

۽ چيائون ڇا اسان جا الاهہ بهتر آهن يا اهو، رڳو چيائون اهو تو وٽ جهڳڙي لاءِ. پر اهي ماڻهو آهن

(اهي) چوندا آهن تہ اسان جا معبود ڀلا آهن يا اهو (عيسىٰ)؟ اهو مثال توسان رڳو جهيڙي لاءِ بيان ڪندا آهن، بلڪ اهي

خَصِمُوْنَ ﴿٥٨﴾ اِنْ هُوَ اِلَّا عَبْدٌ اَنْعَمْنَا عَلَيْهِ وَجَعَلْنٰهُ مَثَلًا لِّبَنِىْٓ

جهيڙيڪار. اهو عيسىٰ رڳو ٻانهو آهي مهرباني ڪئي سون جنهن تي ۽ ڪيوسون ان کي مثال بني

جهيڙاڪ قوم آهن. اهو (عيسىٰ) رڳو ٻانهو آهي، جنهن تي نعمت ڪئي اٿون ۽ بني اسرائيلن لاءِ ڪيس (هڪ)

اِسۡرَآءِيۡلَ ۝٥٩ وَلَوۡ نَشَآءُ لَجَعَلۡنَا مِنۡكُمۡ مَّلٰٓئِكَةً فِي الۡاَرۡضِ يَخۡلُفُوۡنَ ۝٦٠

اسرائيل لاءِ ۽ جيڪڏهن گهرون ها تہ ڪريون ها توهان مان ملائڪ زمين ۾ جو ٿين توهان جا پونير.

عبرت ڪئي سون. ۽ جيڪڏهن گهرون ها تہ اوهان جي بدران زمين ۾ ملائڪن کي نائب ڪريون ها.

وَاِنَّهٗ لَعِلۡمٌ لِّلسَّاعَةِ فَلَا تَمۡتَرُنَّ بِهَا وَاتَّبِعُوۡنِ ؕ هٰذَا صِرَاطٌ

۽ بيشڪ اهو عيسيٰ ڄاڻ آهي قيامت جي پوءِ نہ شڪ ڪريو انهيءَ ۾ ۽ تابعداري ڪريو منهنجي، اهو رستو

۽ بيشڪ اهو (عيسيٰ) قيامت جي هڪ نشاني آهي، پوءِ اوهين قيامت ۾ شڪ نہ ڪريو ۽ (اي پيغمبر! چئو تہ) منهنجي تابعداري

مُّسۡتَقِيۡمٌ ۝٦١ وَلَا يَصُدَّنَّكُمُ الشَّيۡطٰنُ ۚ اِنَّهٗ لَكُمۡ عَدُوٌّ مُّبِيۡنٌ ۝٦٢ وَلَمَّا

سڌو آهي. ۽ نہ روڪي توهانکي شيطان، بيشڪ اهو توهان جو دشمن پڌرو آهي. ۽ جڏهن

ڪريو (جو) اِها سڌي واٽ آهي. ۽ اوهان کي شيطان نہ جهلي، ڇو تہ اهو اوهان جو پڌرو ويري آهي. ۽ جنهن مهل

جَآءَ عِيۡسٰى بِالۡبَيِّنٰتِ قَالَ قَدۡ جِئۡتُكُمۡ بِالۡحِكۡمَةِ وَلِاُبَيِّنَ لَكُمۡ

آندو عيسيٰ معجزن کي چيائين بيشڪ آندي اٿم توهان وٽ دانائي (انجيل) ۽ جيئن پڌرا يان توهان کي

عيسيٰ چٽن معجزن سان آيو، (تنهن مهل) چيائين تہ اوهان وٽ حڪمت آندي اٿم ۽ (آيو آهيان) تہ جن ڳالهين

بَعۡضَ الَّذِيۡ تَخۡتَلِفُوۡنَ فِيۡهِ ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيۡعُوۡنِ ۝٦٣ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ

ڪجهہ ان مان اختلاف ڪندا آهيو جنهن ۾، پوءِ ڊڄو الله کان ۽ چيو مڃيو منهنجو. بيشڪ الله ئي

۾ اختلاف ڪندا آهيو، تن مان ڪي اوهان لاءِ بيان ڪريان، پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو مڃو. بيشڪ الله ئي

رَبِّيۡ وَرَبُّكُمۡ فَاعۡبُدُوۡهُ ؕ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسۡتَقِيۡمٌ ۝٦٤ فَاخۡتَلَفَ

منهنجو رب ۽ توهانجو رب آهي پوءِ بندگي ڪريوان جي، هي رستو سڌو آهي. پوءِ جهڳڙو ڪيو

منهنجو پالڻهار ۽ اوهان جو پالڻهار آهي، تنهن ڪري سندس عبادت ڪريو، اها سڌي واٽ آهي. پوءِ

الۡاَحۡزَابُ مِنۡۢ بَيۡنِهِمۡ ۚ فَوَيۡلٌ لِّلَّذِيۡنَ ظَلَمُوۡا مِنۡ عَذَابِ يَوۡمٍ

فرقن پاڻ ۾ پوءِ تباهي آهي انهن لاءِ جن ظلم ڪيا عذاب ڏينهن

جماعتن پاڻ ۾ اختلاف ڪيو تنهن ڪري ڏکوئيندڙ ڏينهن جي عذاب کان ظالمن لاءِ ويل آهي.

اَلِيۡمٍ ۝٦٥ هَلۡ يَنۡظُرُوۡنَ اِلَّا السَّاعَةَ اَنۡ تَاۡتِيَهُمۡ بَغۡتَةً وَّهُمۡ

دردناڪ جي کان. رڳو انتظار ٿا ڪن انهيءَ گهڙيءَ جو تہ اچي انهن وٽ اوچتو ۽ اهي

(اهي) رڳو قيامت (جي اچڻ) جو انتظار ڪندا آهن تہ اوچتو وٽن اچي ۽ اهي بي خبر

لَا يَشۡعُرُوۡنَ ۝٦٦ اَلۡاَخِلَّآءُ يَوۡمَئِذٍۢ بَعۡضُهُمۡ لِبَعۡضٍ عَدُوٌّ اِلَّا

بي خبر هجن. سڀ دوست تنهن ڏينهن هڪٻئي جا دشمن ٿيندا سواءِ

هجن. انهيءَ ڏينهن پرهيزگارن کان سواءِ (ٻيا) سڀيئي دوست هڪ ٻئي جا دشمن هوندا.

الْمُتَّقِينَ ﴿٦٧﴾ يٰعِبَادِ لَا خَوْفٌ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ وَلَا أَنْتُمْ تَحْزَنُونَ ﴿٦٨﴾ الَّذِينَ

پرهيزگارن جي. اي منهنجا ٻانهوٴ! ناهي ڪو ڊپ توهان تي اڄ ڏينهن ۽ نڪي توهان ڏکارا ٿيندوٴ. اهي جن

(چيو ويندو ته) اي منهنجا ٻانهوٴ! اڄ اوهان کي نڪو ڀؤ آهي ۽ نڪي اوهين غمگين ٿيو. جن

اٰمَنُوا بِاٰيٰتِنَا وَكَانُوا مُسْلِمِينَ ﴿٦٩﴾ اُدْخُلُوا الْجَنَّةَ أَنْتُمْ وَأَزْوَاجُكُمْ

يقين رکيو اسان جي آيتن تي ۽ هئا فرمانبردار. داخل ٿيو بهشت ۾ توهان ۽ توهان جون زالون.

اسان جي آيتن تي ايمان آندو ۽ مسلمان هئا. (تن کي چيو ويندو ته) اوهين ۽ اوهان جيون زالون بهشت ۾ گهڙو

تُحْبَرُونَ ﴿٧٠﴾ يُطَافُ عَلَيْهِمْ بِصِحَافٍ مِّنْ ذَهَبٍ وَّأَكْوَابٍ ۚ وَفِيهَا

خوش ڪيا ويندوٴ. ڦيرايون وينديون انهن تي ٿالهيون سونيون ۽ پيالا، ۽ اتي آهي

(اتي ڏاڍا) خوش ٿيندوٴ. مٿن سون جيون پليٽون ۽ پيالا ڦيرائبا ۽ جيڪي دليون گهرنديون

مَا تَشْتَهِيهِ الْأَنْفُسُ وَتَلَذُّ الْأَعْيُنُ ۚ وَأَنْتُمْ فِيهَا خٰلِدُونَ ﴿٧١﴾ وَ

اهو جو گهرنديون انکي دليون ۽ ٺرنديون اکيون، ۽ توهان اتي هميشه رهندوٴ. ۽

۽ (جنهن جي ڏسڻ کان) اکيون ٺرنديون سو منجهس هوندو ۽ اوهين منجهس سدائين رهندوٴ. ۽

تِلْكَ الْجَنَّةُ الَّتِي أُورِثْتُمُوهَا بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُونَ ﴿٧٢﴾ لَكُمْ فِيهَا فَاكِهَةٌ

هي بهشت آهي جو ڏنو ويو توهان کي هن ڪري جو توهان عمل ڪندا هئا. اوهان لاءِ اتي ميوا

هيءُ اهو بهشت آهي، جنهن جو اوهان کي انهيءَ سببان وارث ڪيو ويو جو اوهين (چڱا) ڪم ڪندا هيوَ. منجهس اوهان لاءِ

كَثِيرَةٌ مِّنْهَا تَأْكُلُونَ ﴿٧٣﴾ إِنَّ الْمُجْرِمِينَ فِي عَذَابِ جَهَنَّمَ خٰلِدُونَ ﴿٧٤﴾

گهڻا آهن جن مان کائيندوٴ. بيشڪ ڏوهاري دوزخ جي عذاب ۾ هميشه رهندڙ آهن.

گهڻا ميوا آهن، جن منجهان پيا کائيندوَ. بيشڪ ڏوهي دوزخ جي عذاب ۾ سدائين رهڻ وارا آهن.

لَا يُفَتَّرُ عَنْهُمْ وَهُمْ فِيهِ مُبْلِسُونَ ﴿٧٥﴾ وَمَا ظَلَمْنٰهُمْ وَلٰكِنْ كَانُوا

نه هلڪو ڪبو انهن کان ۽ اهي ان ۾ نااميد ٿي رهندا. ۽ نه ظلم ڪيو اسان انهن تي پر هئا

کانئن (عذاب) هلڪو نه ڪبو ۽ اهي منجهس نااميد (ٿي چپ) رهندا. ۽ مٿن ظلم نه ڪيوسون ۽ اهي (پاڻ ئي)

هُمُ الظّٰلِمِينَ ﴿٧٦﴾ وَنَادَوْا يٰمٰلِكُ لِيَقْضِ عَلَيْنَا رَبُّكَ ۖ قَالَ إِنَّكُمْ

اهي ظلم ڪندڙ. ۽ سڏيندا او مالڪ! موت آڻي اسان تي تنهنجو رب، اهو چوندو بيشڪ اوهان

ظالم هئا. ۽ (دوزخ جي دربان کي) سڏيندا ته اي مالڪ! ڀلا ته تنهنجو پالڻهار اسان تي (موت جو) حڪم ڪري (ته عذاب کان ڇٽون). (مالڪ)

مّٰكِثُونَ ﴿٧٧﴾ لَقَدْ جِئْنٰكُمْ بِالْحَقِّ وَلٰكِنَّ أَكْثَرَكُمْ لِلْحَقِّ كٰرِهُونَ ﴿٧٨﴾

رهڻ وارا آهيو. بيشڪ آندوسون توهان ڏي سچو دين پر گهڻا توهان مان حق کان نفرت ڪندڙ آهن.

چوندو ته بيشڪ اوهين هميشه رهڻ وارا آهيو. بيشڪ اوهان وٽ سچو دين آندوسون، پر اوهان مان گهڻا سچيءَ ڳالهه کي ناپسند ڪرڻ وارا آهن.

أَمْ أَبْرَمُوٓا أَمْرًا فَإِنَّا مُبْرِمُونَ ﴿٧٩﴾ أَمْ يَحْسَبُونَ أَنَّا لَا نَسْمَعُ سِرَّهُمْ وَ

ڇا انهن رٿيو هيو ڪو ڪم پوءِ اسين بہ رٿ ڪندڙ آهيون. ڇا سمجهن ٿا اهي تہ اسين نہ ٿا ٻڌون راز انهن جو ۽

(ڪافر بہ) ڪنهن ڪم جي رٿ رٿي آهي ڇا؟ پوءِ بيشڪ اسين بہ پڪي رٿ رٿيندڙ آهيون. ڀانئيندا آهن ڇا تہ اسين سندين ڳجهيون ڳالهيون ۽

نَجْوٰىهُمْ ۚ بَلٰى وَرُسُلُنَا لَدَيْهِمْ يَكْتُبُونَ ﴿٨٠﴾ قُلْ إِنْ كَانَ لِلرَّحْمٰنِ

صلاح انهن جي، هائو ۽ ملائڪ اسان جا انهن وٽ لکن ٿا. چؤ جيڪڏهن هجي ها الله کي

سندين صلاحون نہ ٻڌندا آهيون؟ (هائو! ٻڌندا آهيون) ۽ اسان جا موڪليل (ملائڪ) وٽن لکندا آهن. (تون) چئو تہ، جيڪڏهن ٻاجهاري (الله) کي

وَلَدٌ ۖ فَأَنَا أَوَّلُ الْعٰبِدِينَ ﴿٨١﴾ سُبْحٰنَ رَبِّ السَّمٰوٰتِ وَالْأَرْضِ رَبِّ

ڪو ٻار، تہ آءٌ هجان ها پهريون پوڄا ڪندڙ. پاڪ آهي پروردگار آسمانن ۽ زمين جو مالڪ

ڪو ٻار هجي ها تہ آءٌ (سڀ کان) پهريون (أن الله جي) عبادت ڪندڙ آهيان (۽ اهڙي عقيدي جو منڪر آهيان). (اهي) جيڪي بيان ڪندا آهن.

الْعَرْشِ عَمَّا يَصِفُونَ ﴿٨٢﴾ فَذَرْهُمْ يَخُوضُوا وَيَلْعَبُوا حَتّٰى يُلٰقُوا

عرش جو ان کان جو اهي بيان ٿا ڪن. پوءِ ڇڏ انهن کي تہ جهاڳن ۽ راند ڪن جيستائين پهچن

تنهن کان آسمانن ۽ زمين جو رب عرش جو مالڪ پاڪ آهي. پوءِ کين ڇڏ تہ (ايسين ڪوڙين ڳالهين ۾) بڪ ڪن ۽ راند ڪن جيسين پنهنجي

يَوْمَهُمُ الَّذِى يُوعَدُونَ ﴿٨٣﴾ وَهُوَ الَّذِى فِى السَّمَآءِ إِلٰهٌ وَّفِى

پنهنجي ڏينهن ان کي جنهن جو کين وعدو ڏنل آهي. ۽ اهو اهو آهي جو آسمان ۾ حاڪم آهي ۽

انهيءَ ڏينهن کي ملن جنهن جو کين انجام ڏجي ٿو. ۽ (الله) اهو آهي، جيڪو آسمانن ۾ (بہ) معبود آهي ۽

الْأَرْضِ إِلٰهٌ ۚ وَهُوَ الْحَكِيمُ الْعَلِيمُ ﴿٨٤﴾ وَتَبٰرَكَ الَّذِى لَهُ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ

زمين ۾ حاڪم آهي، ۽ اهو حڪمت وارو علم وارو آهي. ۽ برڪت وارو آهي اهو جنهن لاءِ آهي حڪومت آسمانن

زمين ۾ (بہ) معبود آهي ۽ اهو حڪمت وارو ڄاڻندڙ آهي. ۽ اهو وڏيءَ برڪت وارو آهي، جنهن جي آسمانن ۽ زمين جي ۽ جيڪي

وَالْأَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا ۚ وَعِنْدَهُ عِلْمُ السَّاعَةِ ۚ وَإِلَيْهِ تُرْجَعُونَ ﴿٨٥﴾

۽ زمين جي ۽ جيڪي ٻنهي جي وچ ۾ آهي، ۽ ان وٽ ئي آهي خبر قيامت جي، ۽ انهيءَ ڏانهن موٽايا ويندؤ.

انهن جي وچ ۾ آهي، تنهن جي بادشاهت آهي، ۽ وٽس ئي قيامت (جي اچڻ) جي خبر آهي ۽ ڏانهس ئي موٽائبو.

وَلَا يَمْلِكُ الَّذِينَ يَدْعُونَ مِنْ دُونِهِ الشَّفٰعَةَ إِلَّا مَنْ شَهِدَ

۽ نہ ڪري سگهندا اهي جن کي پڪارين ٿا الله کان سواءِ سفارش پر جنهن شاهدي ڏني

۽ (ڪافر) جن (بتن) کي الله کان سواءِ سڏيندا آهن، سي شفاعت ڪري نہ سگهندا آهن، پر اهي جن (دين جي) سچي شاهدي ڏني هوندي

بِالْحَقِّ وَهُمْ يَعْلَمُونَ ﴿٨٦﴾ وَلَئِنْ سَأَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَهُمْ لَيَقُولُنَّ اللّٰهُ

سچي ۽ اهي علم رکن ٿا. ۽ جيڪڏهن پڇاڪندين انهن کان تہ ڪنهن خلقيو ان تہ ضرور چوندا الله.

۽ اهي (أن جي حقيقت) ڄاڻندا آهن. (اهي شفاعت ڪندا)، ۽ جيڪڏهن کانئن پڇين تہ کين ڪنهن خلقيو آهي؟ تہ ضرور چوندا تہ الله (خلقيو آهي)

وقف لازم

فَاَنّٰى يُؤۡفَكُوۡنَ ﴿٨٧﴾ وَقِيۡلِهٖ يٰرَبِّ اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ قَوۡمٌ لَّا يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿٨٨﴾ فَاصۡفَحۡ

پوءِ ڪيئن ڦيرايا وڃن. قسم رسول جي چوڻ جو تہ اي رب هي اهي ماڻهو آهن جيڪي نہ ٿا ايمان آڻن. پوءِ (اي رسول) منهن موڙ

پوءِ ڪيڏانهن ڦيرايا ويندا آهن؟ ۽ (قسم آهي) پيغمبر جي اِنهيءَ چوڻ تي تہ اي منهنجا پالڻهارا بيشڪ هي اهڙي قوم آهن جو (ڪنهن طرح) ايمان

عَنۡهُمۡ وَقُلۡ سَلٰمٌ ؕ فَسَوۡفَ يَعۡلَمُوۡنَ ﴿٨٩﴾ ع

انهن کان ۽ چؤ سلام ٿيو. پوءِ اجهو اهي ڄاڻي وٺندا.

نہ ٿا آڻين (اسين ڪين سندين هٺيلپ جي سزا ڏينداسون). (فرمايوسون) تہ ڪاڻن منهن موڙ ۽ (موڪلائيءَ جو) سلام چئُ پوءِ سگهوئي ڄاڻندا.

سُوۡرَةُ الدُّخَانِ مَكِّيَّةٌ — بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ — اٰيَاتُهَا ٥٩ — رُكُوۡعَاتُهَا ٣

شروع الله ٻاجھاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجھاري مهربان جي نالي سان (شروع)

حٰمٓ ﴿١﴾ ۚ وَالۡكِتٰبِ الۡمُبِيۡنِ ﴿٢﴾ ۙ اِنَّاۤ اَنۡزَلۡنٰهُ فِىۡ لَيۡلَةٍ مُّبٰرَكَةٍ اِنَّا كُنَّا

حمٓ. قسم آهي ڪتاب پڌري جو. بيشڪ اسان لاٿوان کي رات ڀلاري ۾ بيشڪ اسان ٿي

حمٓ. (هن) پڌري ڪتاب جو قسم آهي. تہ بيشڪ اسان هن (ڪتاب) کي برڪت واريءَ رات ۾ لاٿو. بيشڪ اسين ڊيڄاريندڙ

وقف غفران النبي ﷺ

مُنۡذِرِيۡنَ ﴿٣﴾ فِيۡهَا يُفۡرَقُ كُلُّ اَمۡرٍ حَكِيۡمٍ ﴿٤﴾ ۙ اَمۡرًا مِّنۡ عِنۡدِنَا ؕ اِنَّا كُنَّا

ڊيڄاريندڙ آهيون. انهيءَ (رات) ۾ طئي ڪيو ويندو آهي هر ڪم حڪمت وارو. حڪم ڪيل اسان جي طرفان، بيشڪ اسان ٿي

هئاسون. اُن (برڪت واريءَ رات) ۾ سڀڪو ڪم حڪمت وارو (لوح محفوظ کان) جدا ڪبو آهي. (اهو) پاڻ وٽان (پنهنجي خاص) حڪم سان (اُئين

مُرۡسِلِيۡنَ ﴿٥﴾ ۚ رَحۡمَةً مِّنۡ رَّبِّكَ ؕ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيۡعُ الۡعَلِيۡمُ ﴿٦﴾ ۙ رَبِّ السَّمٰوٰتِ

رسول موڪليندڙ آهيون. ٻاجھ آهي تنهنجي پاليندڙ جي، بيشڪ اهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي، جو پاليندڙ آهي آسمانن

ڪبو آهي). بيشڪ اسين (ئي پيغمبر کي) موڪلڻ وارا هئاسون. تنهنجي پالڻهار جي ٻاجھ سبب. بيشڪ اُهو ئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. (جو) آسمانن ۽

وقف لازم

وَالۡاَرۡضِ وَمَا بَيۡنَهُمَا ۘ اِنۡ كُنۡتُمۡ مُّوۡقِنِيۡنَ ﴿٧﴾ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ يُحۡىٖ وَيُمِيۡتُ ؕ

۽ زمين جو ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي، جيڪڏهن آهيو اوهين يقين ڪندڙ ناهي ڪو حاڪم پر اهوئي، جياري ٿو ۽ ماري ٿو.

زمين جو ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي تنهن جو پالڻهار آهي. جيڪڏهن اوهين ڀروسو ڪندڙ آهيو (تہ ڀروسو ڪريو). اُن کان سواءِ (ٻيو) ڪوبہ عبادت جو لائق نہ آهي

رَبُّكُمۡ وَرَبُّ اٰبَآئِكُمُ الۡاَوَّلِيۡنَ ﴿٨﴾ بَلۡ هُمۡ فِىۡ شَكٍّ يَّلۡعَبُوۡنَ ﴿٩﴾ فَارۡتَقِبۡ

رب اوهان جو ۽ رب اوهان جي ابن ڏاڏن اڳين جو. پر اهي شڪ ۾ راند ڪن ٿا. پوءِ جاچ

(جو) جياريندو آهي ۽ ماريندو آهي. (اُهو ئي) اوهان جو پالڻهار ۽ اوهان جي اڳين ابن ڏاڏن جو پالڻهار آهي. بلڪ ڪافر (قيامت کان) شڪ ۾ کيڏي رهيا

يَوۡمَ تَاۡتِى السَّمَآءُ بِدُخَانٍ مُّبِيۡنٍ ﴿١٠﴾ ۙ يَّغۡشَى النَّاسَ ؕ هٰذَا عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿١١﴾

ان ڏينهن کي جو آڻيندو آسمان دونهون پڌرو. ڍڪيندو ماڻهن کي هي عذاب دردناڪ آهي.

آهن. پوءِ جنهن ڏينهن آسمان پڌرو دونهون آڻيندو (تنهن ڏينهن جي) تون انتظار ڪر! جو ماڻهن کي وڪوڙي ويندو (چوندا تہ) هيءُ ڏکائيندڙ عذاب آهي.

رَبَّنَا اكۡشِفۡ عَنَّا الۡعَذَابَ اِنَّا مُؤۡمِنُوۡنَ ﴿۱۲﴾ اَنّٰى لَهُمُ الذِّكۡرٰى وَقَدۡ
اي رب اسان جا ٽار اسان کان عذاب بيشڪ اسان يقين ڪندڙ آهيون. ڪيئن انهن کي نصيحت ٿيندي حالانڪ
اي اسان جا پالڻهار! اسان کان اهو عذاب ٽار! (جو) بيشڪ اسين مسلمان ٿيون ٿا. ڪين اها نصيحت ڪيئن (مفيد) ٿيندي! حالانڪ بيشڪ
جَآءَهُمۡ رَسُوۡلٌ مُّبِيۡنٌ ﴿۱۳﴾ ثُمَّ تَوَلَّوۡا عَنۡهُ وَقَالُوۡا مُعَلَّمٌ مَّجۡنُوۡنٌ ﴿۱۴﴾ اِنَّا
آيو انهن وٽ رسول بيان ڪندڙ. پوءِ منهن موڙيائون ان کان ۽ چيائون اهو پڙهايل آهي چريو آهي. بيشڪ اسين
وٽن پڌرو پيغمبر آيو هو. وري ڪانئس منهن موڙيائون ۽ چيائون (تي) ته (هيءُ) ماڻهو سيکاريل (۽) چريو آهي. بيشڪ اسين
وقف لازم
كَاشِفُوا الۡعَذَابِ قَلِيۡلًا اِنَّكُمۡ عَآئِدُوۡنَ ﴿۱۵﴾ يَوۡمَ نَبۡطِشُ الۡبَطۡشَةَ
عذاب ٽاريندڙ آهيون ڪجهه ته اوهين وري موٽندڙ آهيو. جنهن ڏينهن اسان پڪڙينداسون پڪڙ
ٿورو (وقت) عذاب ٽارڻ وارا آهيون. بيشڪ اوهين (وري ڪفر ۾) ڦرڻ وارا آهيو. جنهن ڏينهن تمام وڏي پڪڙ ڪنداسون.
وقف لازم
الۡكُبۡرٰى ۚ اِنَّا مُنۡتَقِمُوۡنَ ﴿۱۶﴾ وَلَقَدۡ فَتَنَّا قَبۡلَهُمۡ قَوۡمَ فِرۡعَوۡنَ وَجَآءَهُمۡ
وڏي، ته اسان بدلو وٺنداسون. ۽ يقينن اسان آزمايو آهي انهن کان اڳ فرعون جي قوم کي ۽ آيو انهن وٽ
(تهن ڏينهن) بيشڪ! اسين بدلو وٺڻ وارا آهيون. ۽ بيشڪ ڪانئن اڳ فرعون جي قوم جي آزمائش ڪئي سون ۽ وٽن
رَسُوۡلٌ كَرِيۡمٌ ﴿۱۷﴾ اَنۡ اَدُّوۡۤا اِلَىَّ عِبَادَ اللّٰهِ ؕ اِنِّىۡ لَكُمۡ رَسُوۡلٌ اَمِيۡنٌ ﴿۱۸﴾ وَّ
رسول سڳورو. ته حوالي ڪريو مون ڏانهن الله جا ٻانها بيشڪ مون آهيان توهان جو رسول امانتدار. ۽
(هن ڳالهه سان) سڳورو پيغمبر آيو. ته الله جي ٻانهن کي منهنجي حوالي ڪريو بيشڪ آءٌ اوهان وٽ امانتدار پيغمبر (آيو) آهيان.
اَنۡ لَّا تَعۡلُوۡا عَلَى اللّٰهِ ۚ اِنِّىۡۤ اٰتِيۡكُمۡ بِسُلۡطٰنٍ مُّبِيۡنٍ ﴿۱۹﴾ ۚ وَاِنِّىۡ عُذۡتُ
هي ته نه وڏائي ڪريو الله تي، بيشڪ آءٌ آڻيان ٿو توهان وٽ دليل پڌرو. ۽ مان پناهه ورتي
(چوڻ آيو آهيان) ته الله جي آڏو هٺ نه ڪريو بيشڪ آءٌ اوهان وٽ پڌري حجت سان آيو آهيان. ۽ بيشڪ مون پنهنجي
بِرَبِّىۡ وَرَبِّكُمۡ اَنۡ تَرۡجُمُوۡنِ ﴿۲۰﴾ وَاِنۡ لَّمۡ تُؤۡمِنُوۡا لِىۡ فَاعۡتَزِلُوۡنِ ﴿۲۱﴾
پنهنجي رب ۽ توهان جي رب جي جو پٿر هڻو مون کي، ۽ جيڪڏهن نه ٿا مڃيو مون کي ته پاسو ڪريو مون کان.
پالڻهار ۽ اوهان جي پالڻهار جي پناهه ورتي ته (متان) مون کي پٿرن سان ماريو. ۽ جيڪڏهن مون تي ايمان نه آڻيو ته مون کان پاسو ڪريو.
الثلثة
فَدَعَا رَبَّهٗۤ اَنَّ هٰۤؤُلَآءِ قَوۡمٌ مُّجۡرِمُوۡنَ ﴿۲۲﴾ فَاَسۡرِ بِعِبَادِىۡ لَيۡلًا اِنَّكُمۡ
پوءِ سڏيائين پنهنجي رب کي ته بيشڪ هي ماڻهو ڏوهاري آهن. پوءِ وٺي هل منهنجي ٻانهن کي راتوواهه يقينن اوهين
پوءِ پنهنجي پالڻهار کي سڏيائين ته هي ڏوهاري قوم آهن. پوءِ (حڪم ڪيوسون ته) منهنجن ٻانهن کي راتو رات وٺي نڪر
مُّتَّبَعُوۡنَ ﴿۲۳﴾ وَاتۡرُكِ الۡبَحۡرَ رَهۡوًا ؕ اِنَّهُمۡ جُنۡدٌ مُّغۡرَقُوۡنَ ﴿۲۴﴾ كَمۡ تَرَكُوۡا
ڪيڙا ڪيل هوندؤ. ۽ ڇڏ سمنڊ کي بيلل، بيشڪ اهو لشڪر آهي ٻڏڻ وارو. ڪيترائي ڇڏيائون
جو اوهان جي پٺيان پوندا. ۽ (تون) سمنڊ کي سڪل ڇڏ. بيشڪ اهي ٻڏڻ وارا لشڪر آهن.

مِنۡ جَنّٰتٍ وَّعُيُوۡنٍ ﴿٢٥﴾ وَّزُرُوۡعٍ وَّمَقَامٍ كَرِيۡمٍ ﴿٢٦﴾ وَّنَعۡمَةٍ كَانُوۡا فِيۡهَا

باغ ۽ چشما، ۽ پوکون ۽ جايون سليون. ۽ آرام هئا جنهن ۾

گهڻائي باغ ۽ چشما ڇڏيائون. ۽ پوکون ۽ پليون جايون (به). ۽ اهي نعمتون (به) جنهن ۾ مزا ماڻيندا هئا.

فٰكِهِيۡنَ ﴿٢٧﴾ كَذٰلِكَ ۖ وَاَوۡرَثۡنٰهَا قَوۡمًا اٰخَرِيۡنَ ﴿٢٨﴾ فَمَا بَكَتۡ عَلَيۡهِمُ السَّمَآءُ

مزا ماڻيندڙ. اهڙي طرح وارث ڪيوسون انهن جو قوم ٻيءَ ڪي. پوءِ نه رنو انهن تي آسمان

اهڙيءَ طرح (اٿئي). ۽ ٻيءَ قوم کي انهن (شين) جو وارث ڪيوسون. پوءِ مٿن آسمان ۽ زمين نه رنو

ع وَالۡاَرۡضُ وَمَا كَانُوۡا مُنۡظَرِيۡنَ ﴿٢٩﴾ وَلَقَدۡ نَجَّيۡنَا بَنِيۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ مِنَ

۽ زمين ۽ نه هئا ڍر ڏنل. ۽ بيشڪ ڇڏايوسون بني اسرائيل کي

۽ نڪي انهن کي مهلت ڏني ويئي. ۽ بيشڪ بني اسرائيلن کي خوار ڪندڙ عذاب کان

الۡعَذَابِ الۡمُهِيۡنِ ﴿٣٠﴾ مِنۡ فِرۡعَوۡنَ ؕ اِنَّهٗ كَانَ عَالِيًا مِّنَ الۡمُسۡرِفِيۡنَ ﴿٣١﴾

عذاب ذليل ڪندڙ. فرعون جي کان. اهو هئو وڏائي خور حد ٽپيندڙن مان.

بچايوسون. جو فرعون کان (پهچندو) هون. بيشڪ اهو هٺيلو حد کان لنگهندڙن مان هو.

وَلَقَدِ اخۡتَرۡنٰهُمۡ عَلٰى عِلۡمٍ عَلَى الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿٣٢﴾ وَاٰتَيۡنٰهُمۡ مِّنَ الۡاٰيٰتِ

۽ بيشڪ اسان پسند ڪيو انهن کي ڄاڻي سڃاڻي جهان وارن تي. ۽ ڏنيون سون انهن کي نشانيون

۽ بيشڪ بني اسرائيلن کي ڄاڻي واڻي (ساري) جهان وارن کان پسند ڪيوسون. ۽ کين اهي معجزا ڏناسون

مَا فِيۡهِ بَلٰٓـؤٌا مُّبِيۡنٌ ﴿٣٣﴾ اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ لَيَقُوۡلُوۡنَ ﴿٣٤﴾ اِنۡ هِىَ اِلَّا مَوۡتَتُنَا

جن ۾ هئي آزمائش پڌري. بيشڪ اهي(مڪي وارا) چون ٿا. نه آهي اهو پر مرڻ اسان جو

جن ۾ پڌري آزمائش هئي. بيشڪ اهي (مشرڪ) چوندا آهن. ته (اسان جي پڇاڙي) رڳو اسان جو (هيءُ) پهريون

الۡاُوۡلٰى وَمَا نَحۡنُ بِمُنۡشَرِيۡنَ ﴿٣٥﴾ فَاۡتُوۡا بِاٰبَآئِنَاۤ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ﴿٣٦﴾

پهريون پيرو ۽ نڪي اسين اٿاريا ويندا سون. پوءِ آڻيو اسان جي ابن ڏاڏن کي جي آهيو سچا.

موت آهي ۽ اسين وري نه اٿارياسون. جيڪڏهن اوهين سچا آهيو ته اسان جي ابن ڏاڏن کي (جياري) آڻيو.

اَهُمۡ خَيۡرٌ اَمۡ قَوۡمُ تُبَّعٍ ۙ وَّالَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ ؕ اَهۡلَكۡنٰهُمۡ ۚ اِنَّهُمۡ كَانُوۡا

ڇا اهي بهتر آهن يا قوم تبع جي ۽ جيڪي انهن کان اڳ هئا، برباد ڪيوسون انهن کي، بيشڪ اهي هئا

اِهي ڀلا آهن يا تبع (حميري) جي قوم ۽ جيڪي کانئن اڳ هئا سي؟ انهن (سڀني) کي ناس ڪيوسون. بيشڪ اهي

مُجۡرِمِيۡنَ ﴿٣٧﴾ وَمَا خَلَقۡنَا السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضَ وَمَا بَيۡنَهُمَا لٰعِبِيۡنَ ﴿٣٨﴾ مَا

ڏوهاري. ۽ نه پيدا ڪيوسون آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي راند ڪندي. رڳو

ڏوهاري هئا. ۽ آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي سو راند ڪري نه بڻايوسون. انهن کي پوريءَ

خَلَقْنٰهُمَآ اِلَّا بِالْحَقِّ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٩﴾ اِنَّ يَوْمَ الْفَصْلِ

پيدا ڪيوسون انهن کي حق سان پر گهڻا انهن مان نہ ٿا ڄاڻن. بيشڪ ڏينهن فيصلي جو

رت ڪان سواءِ نہ بڻايوسون، پر انهن مان گهڻا نہ ڄاڻندا آهن. بيشڪ انهن مڙني جو انجام نبيري جو ڏينهن آهي

مِيْقَاتُهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٤٠﴾ يَوْمَ لَا يُغْنِيْ مَوْلًى عَنْ مَّوْلًى شَيْئًا وَّلَا هُمْ

وقت مقرر آهي سيني لاءِ. انهن ڏينهن نہ ڪم ايندو ڪو بہ دوست ڪنهن دوست کي ڪجهه ۽ نڪي اهي

جنهن ڏينهن ڪو بہ دوست ڪنهن دوست ڪان ڪجهه بہ (عذاب) نہ ٽاريندو ۽ نڪي ڪين مدد ڏبي.

يُنْصَرُوْنَ ﴿٤١﴾ اِلَّا مَنْ رَّحِمَ اللّٰهُ ۭ اِنَّهٗ هُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿٤٢﴾ اِنَّ شَجَرَتَ ع ٢ / ١٥

مدد ڪيا ويندا. پر جنهن تي رحم ڪري الله، بيشڪ اهو زبردست رحم وارو آهي. بيشڪ وڻ

سواءِ انهيءَ جي جنهن تي الله رحم ڪيو. بيشڪ الله ئي غالب مهربان آهي. بيشڪ ٿوهر جو وڻ.

الزَّقُّوْمِ ﴿٤٣﴾ طَعَامُ الْاَثِيْمِ ﴿٤٤﴾ كَالْمُهْلِ ۚ يَغْلِيْ فِي الْبُطُوْنِ ﴿٤٥﴾ كَغَلْيِ مُعَانَقَة ١٣ عِنْدَ الْمُتَاَخِّرِيْنَ ١٢

ٿوهر جو. آهي کاڌو ڏوهاريءَ جو. رڌل ٽامي وانگر تڇڪندو پيٽن ۾، جيئن تڇڪي

گنهگار جو کاڄ آهي. پگهريل ٽامي جيان، پيٽن ۾ تڇڪندو. تتل پاڻي جي تڇڪڻ وانگر.

الْحَمِيْمِ ﴿٤٦﴾ خُذُوْهُ فَاعْتِلُوْهُ اِلٰى سَوَآءِ الْجَحِيْمِ ﴿٤٧﴾ ثُمَّ صُبُّوْا فَوْقَ

گرم پاڻي. وٺوس پوءِ ڌڪو ڏيوس وچ دوزخ ۾، پوءِ پرتيو انجي

(ملائڪن کي چوندا سون تہ) هن (ڏوهيءَ) کي پڪڙيو ۽ دوزخ جي وچ ڏانهن گهليوس. وري مٿي تي تتل پاڻي

رَاْسِهٖ مِنْ عَذَابِ الْحَمِيْمِ ﴿٤٨﴾ ذُقْ ۚ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْكَرِيْمُ ﴿٤٩﴾ اِنَّ

سر مٿان عذاب گرم پاڻيءَ جو. چک، بيشڪ تون آهين عزت وارو سردار. بلاشڪ

هاريوس جو (اهو) عذاب (اٿس). (چئبس تہ اها سزا) چک، جو تہ تون (پنهنجي گمان ۾) سگهارو ماٺوارو آهين. بيشڪ

هٰذَا مَا كُنْتُمْ بِهٖ تَمْتَرُوْنَ ﴿٥٠﴾ اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ مَقَامٍ اَمِيْنٍ ﴿٥١﴾

هي اهو آهي جنهن ۾ توهان شڪ ڪندا هئا. يقينن پرهيزگار آهن گهر امن واري ۾.

هيءُ اهو عذاب آهي، جنهن ۾ اوهين شڪ ڪندا هيو. بيشڪ پرهيزگار امن واريءَ جاءِ ۾ هوندا.

فِيْ جَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ ﴿٥٢﴾ يَّلْبَسُوْنَ مِنْ سُنْدُسٍ وَّاِسْتَبْرَقٍ

باغن ۽ چشمن ۾. پهريلدا پٽ ۽ پٽيهر ويهندا

باغن ۽ چشمن ۾. سنهي پٽ جا (ڪپڙا) ۽ ٿلهي پٽ جا (ڪپڙا). هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ٿي ڏڪيندا.

مُّتَقٰبِلِيْنَ ﴿٥٣﴾ كَذٰلِكَ ۣ وَزَوَّجْنٰهُمْ بِحُوْرٍ عِيْنٍ ﴿٥٤﴾ يَدْعُوْنَ فِيْهَا

آمهون سامهون. اهڙي طرح، ۽ پرڻائينداسون انهن کي پورين وڏين اکين واريون. گهرائيندا اتي

(سندن حال) ائين هوندو ۽ ڪين وڏين (سهڻين) اکين واريون حورون پرڻائينداسون. منجهس

بِكُلِّ فَاكِهَةٍ اٰمِنِيْنَ ﴿٥٥﴾ لَا يَذُوْقُوْنَ فِيْهَا الْمَوْتَ اِلَّا الْمَوْتَةَ

هر ميوو قرارسان. نہ چکندا اتي موت سواءِ موت

سڀڪو ميوو بي فڪرا ٿي گهرندا. پهرين موت کان سواءِ (جو دنيا ۾ مري چڪا) اتي (ٻيو) موت

الْاُوْلٰى ۚ وَوَقٰهُمْ عَذَابَ الْجَحِيْمِ ﴿٥٦﴾ فَضْلًا مِّنْ رَّبِّكَ ۗ ذٰلِكَ

پهرئين جي، ۽ بچايائين انهن کي دوزخ جي عذاب کان. مهرباني آهي تنهنجي رب جي، اها ئي آهي

نہ چکندا ۽ (الله) کين دوزخ جي عذاب کان بچايو. تنهنجي پالڻهار جي فضل سبب، اِها ئي

هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿٥٧﴾ فَاِنَّمَا يَسَّرْنٰهُ بِلِسَانِكَ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٥٨﴾

ڪاميابي وڏي. پوءِ بيشڪ سولو ڪيوسون قرآن تنهنجي ٻوليءِ ۾ جيئن اهي سمجهن.

وڏي مراد ماڻڻ آهي. قرآن کي تہ تنهنجيءِ ٻوليءِ ۾ آسان ڪيوسون تہ مَن اُهي نصيحت وٺن.

فَارْتَقِبْ اِنَّهُمْ مُّرْتَقِبُوْنَ ﴿٥٩﴾ ع

پوءِ انتظار ڪر بيشڪ اهي بہ انتظار ڪندڙ آهن.

پوءِ (تون) انتظار ڪر بيشڪ اُهي بہ انتظار ڪرڻ وارا آهن.

سُوْرَةُ الْجَاثِيَةِ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ٣٧ رُكُوْعَاتُهَا ٤

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

حٰمٓ ﴿١﴾ تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ مِنَ اللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ ﴿٢﴾ اِنَّ فِي السَّمٰوٰتِ

حٰمٓ. نازل ڪرڻ ڪتاب جو آهي الله زبردست حڪمت واري طرفان. بيشڪ آسمانن

حمٓ. (هن) ڪتاب جو لاهڻ الله غالب حڪمت واري (جي طرف) کان آهي. بيشڪ آسمانن

وَالْاَرْضِ لَاٰيٰتٍ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٣﴾ وَفِيْ خَلْقِكُمْ وَمَا يَبُثُّ مِنْ دَآبَّةٍ

۽ زمين ۾ گهڻا نشان آهن مڃيندڙن لاءِ. ۽ پيدا ڪرڻ توهان جي ۾ ۽ اهي جيڪي پکيڙيائين جانور تن ۾

۽ زمين ۾ ايمان وارن لاءِ (پڪيون) نشانيون آهن. ۽ اوهان جي بڻاوت ۾ ۽ جيڪي چرندڙن مان پکيڙي ٿو تنهن (جي بڻاوت) ۾

اٰيٰتٌ لِّقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ ﴿٤﴾ وَاخْتِلَافِ الَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ

نشانيون آهن ماڻهن لاءِ جي يقين ڪن ٿا. ۽ بدلجڻ رات ۽ ڏينهن جي ۾ ۽ جيڪي لاٿو الله

انهن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن، جيڪي يقين رکندا آهن. ۽ رات ۽ ڏينهن جي ڦيرگهير ۾ ۽ جيڪي الله آسمان کان

مِنَ السَّمَآءِ مِنْ رِّزْقٍ فَاَحْيَا بِهِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا وَتَصْرِيْفِ

آسمان مان رزق پوءِ جيئرو ڪيائين ان سان ڌرتي کي بعد غيرآباد ٿيڻ جي ۽ ڦيرگهير

روزي نازل ڪئي، پوءِ ان سبيان زمين کي سندس غيرآباديءَ کان پوءِ آباد ڪيائين، تنهن ۾ ۽ وائن جي هلائڻ ۾

الرِّيٰحِ اٰيٰتٌ لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ۝٥ تِلْكَ اٰيٰتُ اللّٰهِ نَتْلُوْهَا عَلَيْكَ بِالْحَقِّ ج
هوائن جي ۾ نشانيون آهن ماڻهن لاءِ جي سمجهن ٿا. اهي آهن آيتون الله جون پڙهون ٿا توتي صحيح.
انهن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن، جيڪي سمجهه رکندا آهن. اهي الله جون آيتون آهن، جي توکي سچ سان پڙهي ٻڌايون ٿا.

فَبِاَيِّ حَدِيْثٍۢ بَعْدَ اللّٰهِ وَاٰيٰتِهٖ يُؤْمِنُوْنَ ۝٦ وَيْلٌ لِّكُلِّ اَفَّاكٍ اَثِيْمٍ ۝٧ لا
پوءِ ڪهڙي ڳالهه تي الله ۽ انجي آيتن کان پوءِ ايمان آڻيندا. تباهي آهي هرهڪ ڪوڙ ٺاهيندڙ ڏوهاري لاءِ.
پوءِ (هاڻي) الله (جي نصيحت) ۽ سندس آيتن (جي ٻڌڻ) کان پوءِ ڪهڙيءَ ڳالهه تي ايمان آڻيندا؟ هر ڪنهن ٺاڪيءَ گنهگار لاءِ ويل آهي.

يَّسْمَعُ اٰيٰتِ اللّٰهِ تُتْلٰى عَلَيْهِ ثُمَّ يُصِرُّ مُسْتَكْبِرًا كَاَنْ لَّمْ يَسْمَعْهَا ج
اهو ٻڌي ٿو آيتون الله جون جو پڙهجن ٿيون مٿس پوءِ ضد ڪري ٿو وڏائي ڪندي ڄڻڪ نه ٻڌائين اهي.
الله جون آيتون ڪيس پڙهي ٻڌائبيون آهن ته ٻڌندو آهي، وري آڪڙجي ضد ڪندو آهي، ڄڻڪ اهي ٻڌيون ئي نه هئائين،

فَبَشِّرْهُ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ۝٨ وَاِذَا عَلِمَ مِنْ اٰيٰتِنَا شَيْئًا اتَّخَذَهَا هُزُوًا ط
پوءِ خبر ڏج انهيءَ کي عذاب ڏکائيندڙ جي. ۽ جڏهن ڄاڻي ٿو اسان جي آيتن مان ڪجهه ته وٺي ٿو انهن کي مسخري ڪري،
تنهن ڪري ڪيس ڏکائيندڙ عذاب جي خوشخبري سڻاءِ. ۽ جڏهن اسان جي آيتن مان ڪنهن ڳالهه تي واقف ٿيندو آهي (تڏهن) ان کي ٺٺول ڪري

اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ۝٩ ط مِنْ وَّرَآئِهِمْ جَهَنَّمُ ج وَلَا يُغْنِيْ عَنْهُمْ مَّا
اهي آهن جن لاءِ عذاب خوار ڪندڙ آهي. انهن جي پريان دوزخ آهي، ۽ نه ڪم ايندو انهن کي جيڪي
وٺندو آهي. انهن ئي لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آهي. سندن ٻئي طرف کان دوزخ آهي ۽ جيڪي ڪمايائون نڪي اهو ڪانئن ڪجهه ٽاري سگهندو

كَسَبُوْا شَيْئًا وَّلَا مَا اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَوْلِيَآءَ ج وَلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ۝١٠ ط
ڪمايائون ڪجهه ۽ نڪي اهي جن کي ورتائون الله کان سواءِ دوست ڪري، ۽ انهن لاءِ آهي عذاب وڏو.
۽ نڪي اهي جن کي الله ڌاران سڄڻ ڪري ورتائون (ڪانئن ٽاري سگهندا) ۽ انهن لاءِ وڏو عذاب آهي.

هٰذَا هُدًى ج وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ لَهُمْ عَذَابٌ مِّنْ رِّجْزٍ اَلِيْمٌ ۝١١ ع ۱۱
هيءَ هدايت آهي، ۽ جن نه مڃيون نشانيون پنهنجي رب جون انهن لاءِ عذاب آهي ڪڙڪي وارو دردناڪ.
هيءَ (قرآن) هدايت آهي ۽ جن پنهنجي پالڻهار جي آيتن جو انڪار ڪيو، تن کي سخت سزا جو ڏکوئيندڙ عذاب آهي.

اَللّٰهُ الَّذِيْ سَخَّرَ لَكُمُ الْبَحْرَ لِتَجْرِيَ الْفُلْكُ فِيْهِ بِاَمْرِهٖ وَلِتَبْتَغُوْا
الله اهو آهي جنهن تابع ڪيو توهان لاءِ سمنڊ جيئن هلن ٻيڙيون ان ۾ سندس حڪم سان ۽ جيئن طلب ڪريو
الله اهو آهي جنهن درياءَ اوهان جي تابع ڪيو ته سندس حڪم سان منجهس ٻيڙيون هلن ۽ ته سندس فضل مان

مِنْ فَضْلِهٖ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ۝١٢ ج وَسَخَّرَ لَكُمْ مَّا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي
سندس فضل کي ۽ من توهان شڪر ڪريو. ۽ ڪم ۾ لڳايائين توهان لاءِ جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي
(روزي) طلب ڪيو ۽ ته من اوهين شڪرانو ڪريو. ۽ جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي، سو سڀيئي پنهنجي پار کان

الۡاَرۡضِ جَمِيۡعًا مِّنۡهُ ؕ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوۡمٍ يَّتَفَكَّرُوۡنَ ﴿۱۳﴾ قُلۡ لِّلَّذِيۡنَ
زمين ۾ آهي سڀ پنهنجي طرفان، بيشڪ ان ۾ نشانيون آهن ماڻهن لاءِ جيڪي سوچ ڪن. (اي نبي) چؤ انهن کي جن
اوهان جي ڪم ۾ لڳايائين. بيشڪ اِن ۾ انهن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن، جي سوچيندا آهن. مومنن کي چئو ته
اٰمَنُوۡا يَغۡفِرُوۡا لِلَّذِيۡنَ لَا يَرۡجُوۡنَ اَيَّامَ اللّٰهِ لِيَجۡزِىَ قَوۡمًۢا بِمَا كَانُوۡا
ايمان آندو ته ڇڏي ڏين انهن کي جي نه ٿا اميد رکن الله جي ڏينهن جي جيئن اهو بدلو ڏئي ماڻهن کي ان جو جيڪي
جيڪي الله جي واقعن جي اميد نه رکندا آهن تن کان هن ڪري ٽارو ڪن ته انهيءَ سببان جو جيڪي ڪمايو هئائون
يَكۡسِبُوۡنَ ﴿۱۴﴾ مَنۡ عَمِلَ صَالِحًا فَلِنَفۡسِهٖ ۚ وَمَنۡ اَسَآءَ فَعَلَيۡهَا ۚ ثُمَّ
ڪندا هئا. جيڪو ڪم ڪندو چڱو سو پنهنجي لاءِ، ۽ جيڪو بڇڙائي ڪندو ته ان تي آهي پوءِ
(انهن مان) ڪنهن قوم کي (الله) سزا ڏئي. جيڪو چڱا ڪم ڪندو سو پاڻ لاءِ ۽ جيڪو مدائي ڪندو تنهن تي
اِلٰى رَبِّكُمۡ تُرۡجَعُوۡنَ ﴿۱۵﴾ وَلَقَدۡ اٰتَيۡنَا بَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ الۡكِتٰبَ وَالۡحُكۡمَ
طرف پنهنجي رب جي موٽايا ويندو. ۽ يقين ڏنوسون بني اسرائيل کي ڪتاب ۽ حڪومت
(اُن جو نقصان) آهي، وري پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽايا ويندو. ۽ بيشڪ بني اسرائيلن کي ڪتاب ۽ دانائي
وَالنُّبُوَّةَ وَرَزَقۡنٰهُمۡ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ وَفَضَّلۡنٰهُمۡ عَلَى الۡعٰلَمِيۡنَ ۚ ﴿۱۶﴾
۽ نبوت ۽ رزق ڏنوسون انهن کي سٺين شين مان ۽ ڀلائي ڏني سون کين جهان وارن تي.
۽ پيغمبري ڏني سون ۽ سٺين شين مان کين روزي ڏني سون ۽ کين جهان وارن کان ڀلارو ڪيوسون.
وَاٰتَيۡنٰهُمۡ بَيِّنٰتٍ مِّنَ الۡاَمۡرِ ۚ فَمَا اخۡتَلَفُوۡۤا اِلَّا مِنۡۢ بَعۡدِ مَا جَآءَهُمُ
۽ ڏناسون انهن کي چٽا حڪم، پوءِ نه جهڳڙو ڪيائون پر ان کان پوءِ جو آئي وٽن
۽ دين بابت کين پڌرا دليل ڏناسون، پوءِ انهن (اڳي) اختلاف نه ڪيو پر وٽن ڄاڻپ آئي، تنهن کان پوءِ پاڻ ۾ هٺ سببان
الۡعِلۡمُ ۙ بَغۡيًۢا بَيۡنَهُمۡ ؕ اِنَّ رَبَّكَ يَقۡضِىۡ بَيۡنَهُمۡ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ فِيۡمَا
ڄاڻ ضد ڪندي پاڻ ۾، بيشڪ رب تنهنجو فيصلو ڪندو انهن جي وچ ۾ قيامت ڏينهن جنهن ۾
(اختلاف ڪيائون)، بيشڪ جنهن ڳالهه بابت جهڳڙو ڪندا هئا، تنهن بابت قيامت جي ڏينهن تنهنجو پالڻهار
كَانُوۡا فِيۡهِ يَخۡتَلِفُوۡنَ ﴿۱۷﴾ ثُمَّ جَعَلۡنٰكَ عَلٰى شَرِيۡعَةٍ مِّنَ الۡاَمۡرِ فَاتَّبِعۡهَا
جو اهي جهڳڙو ڪندا هئا. پوءِ رکيوسون توکي شريعت جي ڪم تي پوءِ هل ان تي
سڌن وچ ۾ نبيرو ڪندو. وري (اي پيغمبر) توکي دين جي پڌريءَ واٽ تي ڪيوسون، تنهن ڪري (تون) اُن (دين) جي تابعداري ڪر
وَلَا تَتَّبِعۡ اَهۡوَآءَ الَّذِيۡنَ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ﴿۱۸﴾ اِنَّهُمۡ لَنۡ يُّغۡنُوۡا عَنۡكَ مِنَ
۽ نه ڪڏ لڳ خواهشن انهن جي تي جيڪي نه ٿا ڄاڻن. بلڪل اهي نه ٽاريندا توتان
۽ جيڪي نه ڄاڻندا آهن، تن جي سڌن جي پٺيان نه لڳ. ڇو ته اهي الله (جي آڏو) توکان ڪجهه به

اللّٰهِ شَيۡـًٔا ؕ وَاِنَّ الظّٰلِمِيۡنَ بَعۡضُهُمۡ اَوۡلِيَآءُ بَعۡضٍ ۚ وَاللّٰهُ وَلِيُّ الۡمُتَّقِيۡنَ ﴿۱۹﴾

الله کان کجھ بہ. ۽ بيشڪ ظالم سنگتي آهن هڪٻئي جا. ۽ الله سائي آهي پرهيزگارن جو.

ٽاري نہ سگھندا ۽ بيشڪ ظالم هڪ ٻئي جا دوست آهن ۽ الله پرهيزگارن جو دوست آهي.

هٰذَا بَصَآئِرُ لِلنَّاسِ وَهُدًى وَّرَحۡمَةٌ لِّقَوۡمٍ يُّوۡقِنُوۡنَ ﴿۲۰﴾ اَمۡ حَسِبَ

هي سمجھاڻيون آهن ماڻهن لاءِ ۽ هدايت ۽ رحمت ماڻهن لاءِ جيڪي يقين ڪن ٿا. ڇا سمجھيو آهي

هيءُ (قرآن) ماڻهن لاءِ ڇٽا دليل آهي ۽ جيڪي ماڻهو يقين رکندا آهن تن لاءِ هدايت ۽ ٻاجھ آهي.

الَّذِيۡنَ اجۡتَرَحُوا السَّيِّاٰتِ اَنۡ نَّجۡعَلَهُمۡ كَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ۙ

انهن جن ڪيون بڇڙايون تہ ڪنداسون ڪين برابر انهن سان جن ايمان آندو ۽ ڪيا ڪم چڱا

جن مدايون ڪيون سي ڀائيندا آهن. ڇا تہ کين انهن وانگر ڪنداسون، جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا؟ تہ سندن جيئڻ

سَوَآءً مَّحۡيَاهُمۡ وَمَمَاتُهُمۡ ؕ سَآءَ مَا يَحۡكُمُوۡنَ ﴿۲۱﴾ ع وَخَلَقَ اللّٰهُ السَّمٰوٰتِ

هڪ جهڙو سندن جيئڻ ۽ سندن مرڻ، بڇڙو آهي جيڪي فيصلو ڪن ٿا. ۽ پيدا ڪيو الله آسمانن

۽ سندن مرڻ هڪ جهڙو هوندو (اِهو) جيڪو فيصلو ڪندا آهن، سو بڇڙو آهي. ۽ الله آسمانن ۽ زمين کي پوريءَ رٿ سان بڻايو

وَالۡاَرۡضَ بِالۡحَقِّ وَلِتُجۡزٰى كُلُّ نَفۡسٍۭ بِمَا كَسَبَتۡ وَهُمۡ لَا يُظۡلَمُوۡنَ ﴿۲۲﴾

۽ زمين کي رٿ سان ۽ جيئن بدلو ڏنو وڃي هر شخص کي پنهنجي ڪمائي جو ۽ اهي نہ ظلم ڪيا ويندا.

۽ هن لاءِ تہ هر ڪنهن شخص جيڪي ڪمايو، تنهن بابت ڪيس بدلو ڏجي ۽ مٿن ظلم نہ ڪبو.

اَفَرَءَيۡتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰهُ وَاَضَلَّهُ اللّٰهُ عَلٰى عِلۡمٍ وَّخَتَمَ عَلٰى

ڇا پوءِ تو ڏٺو اهو جنهن بڻايو پنهنجو خدا پنهنجي خواهش کي ۽ گمراهہ ڪيو ڪيس الله سمجھ هوندي ۽ مُهر هنيائين ان جي

(اي پيغمبر!) اُنهيءَ کي (نہ) ڏٺو اٿيئي ڇا؟ جنهن پنهنجي (نفس جي) سڌ کي معبود ڪري ورتو ۽ علم هوندي (گمراهہ ٿيو تہ) الله ڪيس

سَمۡعِهٖ وَقَلۡبِهٖ وَجَعَلَ عَلٰى بَصَرِهٖ غِشٰوَةً ؕ فَمَنۡ يَّهۡدِيۡهِ مِنۡۢ بَعۡدِ

ڪنن تي ۽ ان جي دل تي ۽ وڌائين ان جي اکين تي پردو، پوءِ ڪير آهي جو هدايت ڪندس الله کان سواءِ،

گمراهہ ڪير ۽ سندس ڪنن تي ۽ سنديس دل تي مهر هنيائين ۽ سندس اکين تي پردو وڌائين، پوءِ الله کان سواءِ ڪيس ڪير هدايت ڪندو؟

اللّٰهِ ؕ اَفَلَا تَذَكَّرُوۡنَ ﴿۲۳﴾ وَقَالُوۡا مَا هِىَ اِلَّا حَيَاتُنَا الدُّنۡيَا نَمُوۡتُ وَنَحۡيَا

ڇا پوءِ نہ ٿا سمجھو. ۽ چيائون ناهي اهو پر جيئڻ اسان جو دنيا وارو مرندا آهيون ۽ جيئندا آهيون

پوءِ ڇو نہ نصيحت وٺندا آهيو؟ ۽ چوندا آهن تہ اسان جي رڳو هيءَ دنيا جي حياتي آهي، جو مرندا آهيون ۽ جيئندا آهيون

وَمَا يُهۡلِكُنَاۤ اِلَّا الدَّهۡرُ ۚ وَمَا لَهُمۡ بِذٰلِكَ مِنۡ عِلۡمٍ ۚ اِنۡ هُمۡ اِلَّا

۽ نہ ٿو ماري اسان کي پر زمانو، حالانڪ نہ آهي انهن کي ان جي ڪا خبر، رڳو اهي

۽ اسان کي رڳو زمانو ماريندو آهي ۽ ان (ڳالهہ) جي کين ڪا ڄاڻپ نہ آهي. اهي رڳو اٽڪل هڻندا آهن.

يَظُنُّوْنَ ﴿٢٤﴾ وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا بَيِّنٰتٍ مَّا كَانَ حُجَّتَهُمْ اِلَّآ اَنْ

گمان ٿا ڪن. ۽ جڏهن پڙهجن ٿيون مٿن آيتون اسان جون پڌريون ته نه آهي دليل انهن جو پر

۽ جڏهن اسان جون پڌريون آيتون کين پڙهي ٻڌائبيون آهن (تڏهن) سندن حجت رڳو هيءَ ئي هوندي آهي

قَالُوا ائْتُوْا بِاٰبَآئِنَآ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٢٥﴾ قُلِ اللّٰهُ يُحْيِيْكُمْ

چيائون ته آڻيو اسان جي ابن ڏاڏن کي جيڪڏهن اوهين سچا آهيو. چؤ (اي نبي) الله جياري ٿو توهان کي

ته جيڪڏهن اوهين سچا آهيو ته اسان جي ابن ڏاڏن کي (جيئرو ڪري) آڻيو! (اي پيغمبر! کين) چئو ته الله اوهان کي جياريندو آهي، وري اوهان

ثُمَّ يُمِيْتُكُمْ ثُمَّ يَجْمَعُكُمْ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ لَا رَيْبَ فِيْهِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ

پوءِ ماريندو توهانکي پوءِ گڏ ڪندو توهان کي قيامت جي ڏينهن ناهي ڪوشڪ ان ۾ پر ڪيترا ماڻهو

کي ماريندو، وري اوهان کي قيامت جي ڏينهن جنهن ۾ ڪو شڪ نه آهي، گڏ ڪندو پر گهڻا ماڻهو (ان ڳالھ کي) نه ڄاڻندا آهن.

لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٢٦﴾ ع وَلِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ط وَيَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ ع ٣ ١٩

نٿا سمجهن. ۽ الله لاءِ بادشاهي آهي آسمانن ۽ زمين جي. ۽ جنهن ڏينهن قائم ٿيندي قيامت

۽ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي الله جي آهي ۽ جنهن ڏينهن قيامت ٿيندي، تنهن ڏينهن ڪوڙا

يَوْمَئِذٍ يَّخْسَرُ الْمُبْطِلُوْنَ ﴿٢٧﴾ وَتَرٰى كُلَّ اُمَّةٍ جَاثِيَةً قف كُلُّ اُمَّةٍ

تنهن ڏينهن خوار ٿيندا ڪوڙ هڻندڙ. ۽ ڏسندين هر ٽولي کي گوڏن ڀر. هر ٽولو

نقصان پائيندا. ۽ (اي پيغمبر!) هر ڪنهن ٽوليءَ کي گوڏن ڀر (ويٺل) ڏسندين. سڀڪا ٽولي پنهنجي اعمال نامي

تُدْعٰى اِلٰى كِتٰبِهَا ط اَلْيَوْمَ تُجْزَوْنَ مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٢٨﴾ هٰذَا كِتٰبُنَا

سڏيو ويندو پنهنجي عملنامي ڏي، اڄ اوهان کي بدلو ڏنو ويندو اهو جيڪي اوهان عمل ڪندا هئا. هي دفتر اسان جو

ڏانهن سڏبي (چئبو) ته جيڪي (اوهين) ڪندا هيئو تنهن جو اوهان کي اڄ بدلو ڏبو. (چونداسون) هيءُ اسان جو دفتر آهي،

يَنْطِقُ عَلَيْكُمْ بِالْحَقِّ ط اِنَّا كُنَّا نَسْتَنْسِخُ مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٢٩﴾ فَاَمَّا

ڳالهائي ٿو توهان تي سچ، بيشڪ اسين لکندا هئاسون جيڪي اوهان عمل ڪندا هئا. پوءِ

جو اوهان تي پوري حقيقت پڌري ڪري ٿو. بيشڪ جيڪي اوهين ڪندا هيئو، سو اسين لکندا هئاسون. پوءِ

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَيُدْخِلُهُمْ رَبُّهُمْ فِيْ رَحْمَتِهٖ ط

جن يقين ڪيو ۽ ڪيائون چڱا ڪم ته داخل ڪندو انهن کي سندن رب پنهنجي رحمت ۾.

جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي سندن پالڻهار پنهنجيءَ ٻاجهه هيٺ داخل ڪندو. اها پڌري مراد

ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْمُبِيْنُ ﴿٣٠﴾ وَاَمَّا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا قف اَفَلَمْ تَكُنْ اٰيٰتِيْ

اها ئي ڪاميابي پڌري آهي. ۽ جن انڪار ڪيو. ڇا نه هيون آيتون منهنجون

ماڻڻ آهي. ۽ جن ڪفر ڪيو (تن کي چئبو) ته اوهان وٽ منهنجيون آيتون نه پڙهبيون هيون ڇا؟

تُتْلٰى عَلَيْكُمْ فَاسْتَكْبَرْتُمْ وَكُنْتُمْ قَوْمًا مُّجْرِمِيْنَ ﴿٣١﴾ وَاِذَا قِيْلَ

تلاوت ڪيل توهان تي پوءِ توهان وڏائي ڪئي ۽ هئا توهان ماڻهو ڏوهاري. ۽ جڏهن چيو ويو

پوءِ اوهان وڏائي ڪئي ۽ ڏوهاري قوم هيو. ۽ جڏهن چيو ويو ته الله جو وعدو سچو آهي

اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّالسَّاعَةُ لَا رَيْبَ فِيْهَا قُلْتُمْ مَّا نَدْرِيْ مَا

بيشڪ وعدو الله جو سچو آهي ۽ قيامت ناهي ڪو شڪ ان ۾ توهان چيو نه ٿا ڄاڻون ته ڇا آهي

۽ قيامت ۾ ڪو شڪ ڪونه آهي (تڏهن) چوندا هيو ته (اسين) نه ڄاڻندا آهيون ته قيامت ڇا آهي؟

السَّاعَةُ ۙ اِنْ نَّظُنُّ اِلَّا ظَنًّا وَّمَا نَحْنُ بِمُسْتَيْقِنِيْنَ ﴿٣٢﴾ وَبَدَا لَهُمْ

قيامت؟ رڳو اسين ان ڪي پائيون ٿا خيال ۽ نه آهيون اسين يقين ڪندڙ. ۽ ظاهر ٿينديون انهن تي

اسين رڳو هڪ (ٿورو) گمان پائيندا آهيون ۽ اسين (ڪڏهن) يقين ڪرڻ وارا نه آهيون. ۽ جيڪي ڪمايو هئائون تنهن جيون

سَيِّاٰتُ مَا عَمِلُوْا وَحَاقَ بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٣٣﴾ وَقِيْلَ

خرابيون سندن عملن جون ۽ پئجي ويندو انهن تي اهو جنهن تي ٺوڪون ڪندا هئا. ۽ چيو ويندن

مدايون کين پڌريون ٿينديون ۽ جنهن شيءِ تي چٿرون ڪندا هئا سا کين وڪوڙي ويندي. ۽ چئبو ته اڄ اوهان کي

الْيَوْمَ نَنْسٰىكُمْ كَمَا نَسِيْتُمْ لِقَآءَ يَوْمِكُمْ هٰذَا وَمَاْوٰىكُمُ النَّارُ وَ

اڄ وساريون ٿا اوهان کي جيئن وساريو توهان ملاقات پنهنجي هن ڏينهن جي کي ۽ جاءِ توهان جي باهه آهي ۽

(اٿين) وساريندا سون. جيئن اوهان پنهنجي هن ڏينهن جي اچي پهچڻ کي وساريو هو ۽ (هاڻي) اوهان جي جاءِ دوزخ آهي ۽

مَا لَكُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ﴿٣٤﴾ ذٰلِكُمْ بِاَنَّكُمُ اتَّخَذْتُمْ اٰيٰتِ اللّٰهِ هُزُوًا وَّغَرَّتْكُمُ

نه آهي توهان لاءِ ڪو مددگار. اهو هن ڪري جو ورتو توهان الله جي آيتن کي مسخري ڪري ۽ ٺوڪو ڏنو توهان کي

اوهان جو ڪو مددگار نه آهي. اهو (عذاب اوهان کي) هن ڪري آهي، جو اوهان الله جي آيتن کي ٺٺوليون ڪري ورتو هو ۽

الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا ۚ فَالْيَوْمَ لَا يُخْرَجُوْنَ مِنْهَا وَلَا هُمْ يُسْتَعْتَبُوْنَ ﴿٣٥﴾

حياتي دنيا جيءَ. پوءِ اڄ نه ڪڍيا ويندا ان ڪان ۽ نڪي انهن جي توبهه گهربل آهي.

دنيوي حياتيءَ اوهان کي ٺڳيو هو تنهن ڪري اڄ منجهائنس نه ڪڍبن ۽ نه کين عذر طلب ڪبن.

فَلِلّٰهِ الْحَمْدُ رَبِّ السَّمٰوٰتِ وَرَبِّ الْاَرْضِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٣٦﴾ وَلَهُ

پوءِ الله جي تعريف آهي جو رب آسمانن جو ۽ پاليندڙ زمين جو ۽ پاليندڙ جهانن جو آهي. ۽ ان جي ئي

پوءِ سڀ ساراه خاص الله کي جڳائي جو آسمانن جو پالڻهار ۽ زمين جو پالڻهار ۽ جهانن جو پالڻهار آهي. ۽

الْكِبْرِيَآءُ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۪ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٣٧﴾ ع

وڏائي آهي ... آسمانن ۾ زمين ۾، ۽ اهوئي زبردست حڪمت وارو آهي.

آسمانن ۽ زمين ۾ سندس وڏائي آهي ۽ اهو زبردست حڪمت وارو آهي.

